# اِشاعت جو ٻٽيهون سال


Sahit ain Kala ji **RACHNA**

Editor : Lakhmi Khilani

ساهت ۽ ڪلا جي

# رچنا-١٢٥

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

في انڪ : ٢٠ رپيا

**Price Rs. 20/=**

**Annual Subscription Rs. 100/=**

**Life Subscription Rs. 1000/=**

**Year-32** سال : ٣٢

**Vol-125** انڪ : ١٢٥

**(Jan. - March. 2010)**

جنوري - مارچ ٢٠١٠

ڀارت کان ٻاهر :

٥٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

**P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205**

Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org




## سلسلو


اَسانجي طرفان ٢؛ غزل/اَرجن حاسد ٦؛ اَڻ چپيل ڪوتائون/شيام جئسنگهاڻي ٧؛ نظم- شِوُ-پسماسُر ۽ غريب جنتا جو ڀاڳ/ڊولڻ راهي ٩؛ تصويرون/لکمي کلاڻي ١١؛ غزل - دل جو درد ۽ غم، وقت تي ڪو اعتبار نه آهي/لڇمڻ چيلاڻي ’خوشدل‘ ١٢؛ واقفيت -١٤؛ ڪُجهه اُلٽ ڪوتائون/اَنند کيماڻي ١٦؛ ڪهاڻي- پاڻ طرف موٽ/لکمي کلاڻي٢٠؛ ليک- پوسٽ ماڊرن‌ازم ۽ سنڌي ڪهاڻي/ستيش روهڙا ٣٢؛ رپورتاج - آديپور-گانڌيڌام ۾ هوندراج دکايل جنم شتابدي سيمينار/وليرام ڪشناڻي ٥١؛ سيمينار جا فوٽا -٥٥؛ ڊڪليئرشن فارم -٥٧؛ مُبارڪون - ٥٨؛ سمالوچنا ٣- جينت ريلواڻيءَ جو ڪوجناتمڪ گرنٿ ’سنڌ ڪڇ ڪاٺياواڙ جا سيپتڪ ناتا/لکمي کلاڻي٥٩؛ توهان طرفان٦٧.

آسانجي طرفان

# جھڙو پوکيندين تھڙو لُڻندين

(As you sow , so shall you reap)

’ڪڻڪ پوکيندين، ڪڻڪ لُڻندين، جَوَ پوکيندين تہ جَوَ لُڻندين!‘ سنڌيءَ ۾ اھا چوڻي مشھور آھي. ائين بہ چوندا آھن تہ ’جھڙي ڪرڻي تھڙي پرڻي‘ - ’جھڙي نيت تھڙي مراد!‘

اھي چوڻيون وڳيان جي ڪارڻ (Cause) ۽ نتيجي (Effect)جي اُصول جي پوئواري ڪن ٿيون. اھو اُصول ٻاھرين پوئتڪ سنسار سان گڏ انسان جي اندرين مانسڪ سنسار سان بہ لاڳو آھي.

’مِٽڙا گُھر تہ گھرانءِ.‘ تون ڪنھن کي پيار ڏيندين تہ موٽ ۾ پيار پائيندين. ڪنھن کي ڌڪاريندين تہ موٽ ۾ توکي بہ ڌڪار ئي حاصل ٿيندي. تون پنھنجي ھٿ ۾ ڪنيل ڪم کي پوري ايمانداريءَ سان نبھائيندي اُن جو سنمان ڪندين تہ اُھو بہ توکي وڏي عزت آبرو عطا ڪندو.

بائيبل جو ھيءُ فقرو نيويارڪ ۾ .U.N.O جي بلڊنگ مٿان اُڪريل آھي.

Do unto others as you would like others to do unto you

(ٻين سان اَھڙو (پيار پريو) ورتاءُ ڪر، جھڙو تون چاھين ٿو تہ ٻيا بہ توسان ڪن)

اھا حقيقت آھي تہ ھن سنسار ۾ اُھوئي شخص مڪمل آزادي ماڻي سگھي ٿو، جنھن ٻين پراڻين جي جيئڻ جي آزاديءَ جو حق تسليم

ڪيو آهي. ’جيئو ۽ جيئڻ ڏيو !‘ (Live and Let Live !) ڪشنچند بيوس جو بہ ساڳيو قول آهي.

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون بہ رهہ، مان بہ رهان
آڻ منورتيءَ ۾ ڦيري، تون بہ رهہ مان بہ رهان!

سنسڪرت جو هڪ سلوڪ آهي ’وسڌيو ڪٽنبڪم‘. ڌرتيءَ جا سڀ پراڻي هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آهن. وڻ ٽڻ، جهنگل پهاڙ، هوا، پاڻي، آڪاش پاتال، ندين ۾ ترندڙ جيو جنتو، آسمان ۾ اُڏامندڙ پکي پرندا، گهاٽن ٻيلن ۾ رهندڙ جانور ۽ آديواسي لوڪ، سڀ هن سرشٽيءَ جيholistic وجود جا اٽوٽ انگ آهن. انهن مان ڪنهن هڪ بہ انگ کي ضرب رسندي تہ سموري سرير جي هاڃي ٿيندي. اڄ جي هن ناسمجهہ انسان کي البت ان حقيقت جي پروڙ ڪانهي.

اِها افسوسناڪ حقيقت آهي جو اڄ جي انسان پنهنجي شخصي سوارٿ لاءِ هن وايومنڊل (Environment) جو پرياورڻي توازن (Ecological balance) بگاڙي اُن کي وڏو ڌُهڪ رسايو آهي. هُن گهاٽن ٻيلن جا وڻ ڪٽي، انهن جو عمارتي ڪاٺ ۽ جانورن کي ماري اُنهن جو کلون وديسي بازار ۾ پي وڪيون آهن. هزارن سالن کان هنن جهنگلن ۾ رهندڙ مول آديواسين کي پاڙون پٽي، روٽي روزيءَ لاءِ شهرن ڏانهن ڌڪي ڪڍيو آهي. پهاڙن تان وڻن جي اُکوڙجي وڃڻ سبب ندين ۾ ٻوڏون آيون آهن. ٻوڏون روڪڻ لاءِ هن ندين مٿان وڏا بند ٻڌا آهن. انهن هٿرادو بندن سبب پاڻيءَ جي شاهي Reservoirs مٿاڇري تي آباد کيترن ڳوٺن کي جلمئي ڪري ڇڏيو آهي. هيٺانهين واري ڊيلٽا ايراضيءَ جي غريب ڪسانن جا کيت پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب سکي ويا آهن. پاڻيءَ جي وهڪري جي بند ٿي وڃڻ سبب سمنڊ جي کاري پاڻيءَ سندن ٻنين ۾ اندر پيهي انهن کي لوڻاٺو ڪري ڇڏيو آهي.

اهو سڀ ملڪ جي ترقيءَ جو عذر ڏيئي ڪيو ٿو وڃي. ۽ ان ترقيءَ جو لاڀ رڳو حڪمران طبقي کي حاصل ٿيو آهي، جنهن ۾ راڄنيتي نيتائن سان گڏ ڪامورا شاهي، ملٽري ۽ پوليس جا عملدار شامل آهن، جن عام ڪسانن ۽ پورهيتن جا حق کسي، ٻنهي هٿن سان اُنهن جو شوشڻ (Exploit) ڪري، کين لُٽيو ڦريو آهي. سندن زمينون ڦٻائي، اُديوگپتين جي پائيواريءَ ۾ انهن تي شاهي ڪارخانا لڳايا آهن. جن جي چمنين مان نڪرندڙ دونهين (Carbon emission) سموري وايومنڊل کي دوشت ڪري ڇڏيو آهي. انهن مان ٻاهر نيڪال ٿيندڙ تيل ۽ تيزاب گاڏر گندي پاڻيءَ ندين جي پاڻيءَ کي زهريلو ڪري ڇڏيو آهي. اهو سمنڊ جي جيو جنتن لاءِ بہ موتمار ثابت ٿيو آهي.

ڀرتپور، نل سروور ۽ پکين جي ٻين Birds Sancturies ۾ روس جي سائبيريا علائقي مان هزارن جي تعداد ۾ فليمنگو ۽ ڪونج پکي هت هر سال آنا لاهڻ ايندا آهن. پر هتان جيِ گندي ٻيئل تانگهي پاڻيءَ سبب هنن هاڻي پنهنجو ماڳ مٽي ڇڏيو آهي.

سماج جي واپاري طبقي وارا راتو رات دنيوي ڪاميابيءَ جي شکر تي پهچڻ لاءِ ناڻو ڪمائڻ جا غلط سلط طريقا اختيار ڪن ٿا.

ڪاڏي جي شين ۽ دوائن ۾ ملاوت ڪري هنن عوام جي زندگيءَ سان پي کيڏيو آهي. انڪم ٽئڪس، سيلس ٽئڪس، ايڪسائيز، ڪسٽمس ڊيوٽيءَ ۾ ڪروڙن جون گهوٻيون پي هنيون آهن. ڪاٽين مان بي قاعدي معدني پدارٿن جي کوٽائي ڪري، ڪروڙن روپين جو ڪارو ناڻو سِوس ٻئنڪن ۾ پي جمع ڪيو آهي. سرڪاري تنتر جا منسٽر، ڪامورا ۽ پوليس آفسر هن لُٽ ۾ هنن سان ڀاڱي ڀائيوار آهن. پنهنجن انهن ٻچڙن ۽ ڪڌن ڪمن تي ڍڪ پردو ڪرڻ لاءِ هو سرڪاري عملدارن سان گڏ پڳوانن کي بہ رشوت ڏين ٿا.

ٻئي طرف دنيا جون وڏيون طاقتون بہ پنهنجي برتري قائم رکڻ لاءِ هرروز ائٽمي آزمائشون ڪن ٿيون. اڄ جو وڏي ۾ وڏو مسئلو Global Warming جو آهي جنهن هن وشو کي وناش جي ڪگار تي آڻي بيهاريو آهي. پاڻ کي سياڻو، چتر سڏائيندڙ انهن حرفتي انسانن ڪان شاه جو هيءُ قول وسري ويو آهي.

'پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!'

پنهنجي حرص ۽ هوَس جي پورتيءَ لاءِ عام جنتا کي هنن پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار بڻايو آهي. انهن ڌرتي ڌڪاڻيلن هاڻي جهنگ جو منهن ڪيو آهي. حق ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ اي. ڪي-۴۷ ۽ ڪلشنڪوف رائيفلون هٿ ۾ کڻي، هو مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. ڪين اڄ آتنڪوادي، نڪسلوادي، مائووادي (Terrorist) سڏيو ٿو وڃي. دنيا مٿان اڄ هنن جي پيدا ڪيل ڌهڪاءَ جي تلوار لٽڪي رهي آهي.

ڪاش اڄ جي انسان اندر اها سمجهہ اَچي، اها سوجهي پيدا ٿئي تہ ٻين کي پنهنجي خريد فروخت جي جنس (Commodity) سمجهي سندن شوشڻ ڪري ڪين غير انسانيپڻي طرف ڌڪڻ واري سندن ان ذهنيت، موت ۾ ڪين بہ هڪ ڪموڊٽيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هو خود بہ پنهنجو ماڻهپو کوهي وحشي بڻجي ويا آهن.

دنيا اڄ جنهن نفرت جي نڱري بيماريءَ جو شڪار آهي اُن جو هڪ ئي واحد علاج آهي، محبت جي ملم پٽي. نفرت سان نفرت ڪڏهن بہ ڌوپجي نہ سگهندي. اُن کي محبت سان ئي ڌوئي صاف ڪري هن ڪائنات کي ساه کڻڻ لائق بڻائي سگهجيتو.



## غزل / اَرجن حاسد

اَڄ مونکي سچ ڳالهائڻ ڏي
سپني سامهون پڇتائڻ ڏي

تار ٽٽي گهوُگهات وڏو ٿيو
ساڃهه ساڻ اٿم، ڳائڻ ڏي

ڪيت سڄو، سڀ سنگ لٽي ويا
ٻُڪ چوي ٿِي ٻاڏائڻ ڏي

خوشبو ويچاري ڏسجي ٿِي
آٿت ڏيئي پرچائڻ ڏي

گل وڪامڻ لءِ واجهائن
ٿارين تي ئِي مُرجهائڻ ڏي

هاڻي تنهنجي وس ۾ آهيان
ڀرسان ويهي شرمائڻ ڏي

ماريو ويندس ڏينهن ڏِٺي جو
ڏاڍن سان هٿ اٽڪائڻ ڏي

حاسد ڪي دارونءَ جي عادت
مونکي هڪ روٽِي کائڻ ڏي

**68, Neel Kanth Society No.1**
**P.O. BHAT. Dist. Gandhinagar - 382428**



## شيام جئسنگهاڻيءَ جي پهرين پُڻيہ تِٿي (٢٢ مارچ ٢٠١٠) جي موقعي تي پيش آهن

# شيام جون ٻہ اڻڇپيل ڪوتائون

(١) ٢٥ ڪلاڪ

منهنجي جاءِ ۾ طلسم آهي
منهنجي ڇُهاءَ مان وهاڻي اندر
هوُ ١٨٠ ڊگريءَ ۾ تراڪرا مٽي ويندا آهن
ڏيري ڏيري مورچت ٿي ويندا آهن
مان ڪين ٽِري ۾ ڪٽندو آهيان نمبروار
واپس بوتل جي ويجهو آڻيندو آهيان باقاعده

بوتل ڀوڇ بند بلڪ ڊونهين مان تار
چاهيندو آهيان اها تيزاب بند ڪريان تار
پر نہ، بنهہ نہ، اصل نہ، صفا نہ
اهي پوتيا عناصر
پل آجر اَمر رهن سدا، ورنا
مان جاڳندس پلا ڪيئن
٢٥ ڪلاڪ - ٢٥ ڪلاڪ؟

منهنجا بي ترتيب سپنا
منهنجي اکين کي پوريل ڏسي
(هالانڪ اُهي نيم بند هونديون آهن)
مان دُهرائيندو آهيان :
مان ٢٥ ڪلاڪ جاڳندو آهيان
منهنجي ڪرائيءَ تي واچ آهي :
’ ٢٥ ڪلاڪ ......‘

منهنجا بي ترتيب سپنا
علاوالديني بوتل مان ٻاهر نڪري
منهنجي گرد ڪارنيوال ڪندا آهن
بدنصيبا اگر مان ڪروٽ بدليندو آهيان
اک ڇنڀ ۾ منهنجي وهاٽي هينان لڪي ويندا آهن.

(٢١ اَپريل ٢٠٠٤ تي هيءَ ڪويتا ’٢٥ ڪلاڪ‘ شيام شايد نند جويريءَ کي پڙهي ٻڌائي هئي. سندس شخصي ڊائريءَ ۾ درج هن ڪوتا مٿان سندس لکيل نوٽ.)

(٢) تون سمورو ڏينهن سمهين ٿو
مان سموريون راتيون جاڳان ٿو
اونده جو اَهڙو پهريدار آهيان
جنهن سپنا تهخانن ۾ بند ڪيا
طعنات : هر غلط اِمڪانات لاءِ
زيرو هروس - زيرو زون جا نقاب
مشينيون ڪامپيوٽر چوٿطرف
واڪا ۽ ڇلاهٽون خطري کان آگاهه :
نه ٻڌ .... نه هار مڃ، هٿ پير هلاءِ

مون صحرا ۾ پاڻ کي اُڇلائي ساهت پاتي
نه هٿ پير هلائيندس، نه ٻڌندس ڪڏهن به
ريتيءَ تي ڪشتيون هونديون آهن؟
ٻڌنديون آهن؟
ترنديون آهن؟
گرم هوا جون ڦونڪون چو طرف گهمنديون آين ....

(٢٩ جولاءِ ٢٠٠٤ تي شيام ڪنعيي تولاٽيءَ لاءِ لکيل هيءَ ڪويتا شايد ڪيس فون تي ٻڌائي هئي. سندس شخصي ڊائريءَ ۾ درج هن ڪوتا مٿان سندس لکيل نوٽ)



## نظم/ ڊولڻ راهي

### شِوُ : پسماسُر

کھڙو ڏوهه ڳُڏام وٺن جو،
پاڪ هوا، معصوم گلن جو،
پکين پسُن، جيون جنتن جو،
سادن ڳوٺن ۽ ڪَسبن جو،
چنچل ندين ۽ سمنڊن جو
شانت تلاون ۽ ڍنڍُن جو
کوهن، نهرن ۽ جهرڻن جو
بيقصور جبلن جهنگلن جو؟

جُڳن جُڳن کان جنڪي ماڻهو
پنهنجي سوارٿ لاءِ ستائن،
موج مزي ۽ شوق شغل لءِ
وحشي ڪين شڪار ٻڌائن،
زهريليون گئسون اوڳاڇي
ساهه فضا جو گُهٽي مُنجهائن،
ويچاري گونگي قدرت سان
زِنا ڪري ٿا هوَس مِٽائن

وحشت زور ظلم جو چڪر
آخر ڪيسين هلندو رهندو؟
ڏاڍُ ڏمرُ، ڌڪاءُ ڌوجهرو
ڪيستائين ڪوئي سهندو؟
جي پوُنءِ اُپ جو سينو ڦاٽو
ناهه ناٿُ صدين جو ٻهندو
قدرت شِوُ ماڻهو پسماسُر،
رک رهندي بيو ڪجهه به نه رهندو!
زِنا = بلاتڪار

## غريب جنتا جو ڀاڳ

وڻ جهڙو ويچارو پراڻي
جڳ ۾ هوندو ڪير ڀلا؟
ڪَٽجي پَٽجي زخم سهي پر
مُنهن تي آڻي اُف نہ اَلا،
ڦل، ٽاريون، پن ڇوڏا ڏئي ٿو
سهي کهاڙيون ڪائي ڪلا،
ڪيس ڪٽائڻ لاءِ ڦِرن
واپاري، ٺيڪيدار، دلا

وڻ کي ووٽ ڏيڻ جو پاور
هجي تہ شايد بچي پوي
پنجن سالن ۾ ئي صحيح تر
ڪوئي تہ هِنجي سار لهي؛
ڀارت جي جنتا جهڙو ئي ڀاڳ هجي جيڪر وڻ جو،
پوءِ نہ هوندس جيءَ کي جوکو ايڏو ڪٽجڻ پٽجڻ جو!

**6, Sawar House,
Srinagar Road,
Ajmer - 305007**

# تصويرون/لکمي ڪلاڻي



۱. پڪاسو جا ڪبوتر
اُڏري سرحد پار ڪان
اَمن جي آڻ خبر

۲. ڪوريئڙي وڇايو ڄار
شڪار ڦاسڻ جي آس ۾
وينو ڪري انتظار

۳. اُپ ۾ باز سرڪيون
قلابازيون ڏين ٿا ڪيترين
سرڪس جا نٽ نٽيون

۴. سڱن وارو هرڻ
اهم جي ڪوڙڪي ڦاٿل
مشڪل ٻاهر نڪرڻ

۵. سرءُ جا پيلا پن
ٽارين تان ڇڻي ڪريل
يادن جا مئل ڪن

٦. اُڏري ويا طوطا
پڃرا اَڄ خالي خالي
عارضي سندن ناتا

۷. ڪويل ڪانو ڪارا
هڪ سُريلو ٻيو ٻُڇڙو
ٻئي ڪيڏا نيارا

۸. هي چنچل لهرون
سڏڙا ڪن ٿيون سيني ڪي
اَچو تہ ڳڏجي کيڏون

۹. تلاوَ ۾ وهنجي نار
نيل ڪمل آ تڙيل
ڪير جي اوجل ڏار

۱۰. جهڙو اَن تهڙو من
ڪريءَ ڪوٺيءَ ڳالهہ تي
تون ڇو ٿو ڏين ڪن؟

۱۱. سياري جي رات
ولهہ پاري ڇا تہ ٺاري
يخ ڪئي ڪائنات

۱۲. هيري جي هڪ ڪڻي
حسين دوشيزه جي سڊول
نڪ جو آ زيب بڻي

۱۳. طرح طرح جا لقاءَ
سپني جهڙي ڪڻ پنگر
هيءَ زندگي بي بقا

۱۴. ملير جو سهواس
جيون ڪي معطر ڪندڙ
چندن جو واس

**6, Maleer, Ward 4-A**
**Adipur - 370205**



غزل/لڇمڻ چيلاڻي ’خوشدل‘

# دل جو درد ۽ غم

١.مان دل جو درد دل ۾ دٻائي نہ ٿو سگهان
۽ پنهنجو ئي درد توکي ٻڌائي نہ ٿو سگهان

٢.مان ڏاڍو چاهيان ٿو تہ دنيا سان دل لڳي
پر اُنهيءَ منحوس سان ناتو نڀائي نہ ٿو سگهان

٣. ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي يادگيريءَ جي ويجهو نہ اَچان
پر تنهنجي بي وفائيءَ کي وساري نہ ٿو سگهان

٤.اکين مان وهندڙ آنسون پيان پيو ٿو
۽ چپن تي مسڪراهٽ بہ اَٿم
پر غم جا نشان منهن تان مٽائي نہ ٿو سگهان

٥. اندر جي آئيني مان هڪ قطرو اک مان ڪري ٿو
پر پيالي ۾ غم جو سمندر وجهي نہ ٿو سگهان

# وقت تي ڪو اعتبار نہ آهي

١. وقت تي ڪو بہ اعتبار نہ آهي
اِنهيءَ جو اَنت ڪو بہ پائي نہ سگهيو آهي

٢. صبوح جو گلستان ۾ ڦول مهڪي رهيو آهي
ڏينهن جو گرم هوا سان مرجهائي رهيو آهي

٣. ڪالهہ هن پنهنجو در منهنجي ڪري بند رکيو هو
اَڄ هوءَ منهنجو در کڙڪائي رهي آهي

٤. زندگي هڪ جوئا جو کيل آهي
ڪوئي جيتي ٿو ڪوئي هارائي رهيو آهي

٥. ڪالهہ هوءَ مونکي بُري ۾ برو سمجهي پيئي
اَڄ هوءَ منهنجي مٿان گلاب جو پاڻي ڇڻڪائي رهي آهي

**H-10, Kailash Colony**
**New Delhi-110048**



# اَنند ڪيماڻي

پورو نالو : انند چمنداس ڪيماڻي

جنم : ٩ سپٽمبر ١٩٣٣

جنم آستان : ڳوٺ سڏوجا، ضلعو نواب شاه (سنڌ)

تعليم : ايم. اي.

پيشو : راجيه سڀا سيڪريٽيريٽ پارليامينٽ هائوس، نئي-دهليءَ مان ١٩٩١ ۾، سينئر ايڊيٽر جي پد تان رٽاير ٿيل.

ڇپيل ڪتاب : سنڌي :

ڪهاڻي سنگره ١. لُڇي

٢. نومبر جي آخري رات

٣. رشتن جي سياست (ساهت اڪادمي انعام ٢٠٠٩)

ناول ٤. هڪ شخص جي واسنا

٥. انتر ياترا (ٽِرلاجي)

٦. رشتن جو ڏنڊ (ٽرلاجي)

٧. اَڻ لتاڙيل پيچرا (ٽرلاجي)

٨. وِڃُ اَجا ڪانه ڪِري آهي.

اُلٽ ڪوتا ٩. بيمار پيڙهي

١٠. شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي

تنقيد - ١١. بدلجندڙ دؤر ۽ تنقيد

١٢. ڪندن جي سُڳنڌ

سمپادن - ١٣. چيتنا

١٤. ساهت جا سڏانت

ترجما : ١٥. پريمچند (انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ساهت اڪادميءَ لاءِ)

هنديءَ ۾ : ١٦. ارڏ ورت

سمپادن : ١٧. انواد ڪلا : ڪجهه ويچار (ترجمي جي اُصولن جي ڇنڊڇاڻ)

ترجما : ساهت اڪادميءَ لاءِ

١٨. سنڌي ساهت ڪا اِتهاس (اَنگريزيءَ مان هنديءَ ۾)

١٩. سچل (انگريزيءَ مان هنديءَ ۾)

پريس ۾ : (سنڌيءَ ۾)

تنقيد - اَسهمتيءَ جي اَڱڻ - ڪُنڊ مان

زير - تحرير (سنڌيءَ ۾)

آتم - ڪٿا - سچ ڇا ۽ ڪوڙ ڇا (ٽن جلدن ۾)

پهريون جلد - پريمڪا بنام پتني

ٻيون جلد - ادب بنام روزي روٽي

ٽيون جلد - خواب بنام زندگي

سنڌي، هندي، انگريزي مخزنن - اخبارن ۾ انيڪ رچنائون ڇپيل

انعام : ساهت اڪادمي ٢٠٠٩

لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ، سنڌي اڪادمي دهلي ٢٠٠٩


سرنامو : Block B-1-A, Flat No. 47-B
M. I. J. Flats,
Janak puri, New Delhi -110058
Phone : 25549875
Mob : 9871415939


[غير ضروري ليڪن هڪ لحاظ کان ذڪر لائق -

جنهن سنڌي اديب سان پهرين پهرين منهنجي ملاقات - واقفيت - پنهنجائپ ٿي، اُهو آهي منهنجو ڳوٺائي اَرجن سڪايل، ادب ۾ الڳ الڳ راهن تي هلندي به اڄ سوڌو هڪ ٻئي سان گهري دوستيءَ ۾ مبتلا آهيون.]

# ڪُجهه اُلٽ ڪوتائون/ اَنند کيماڻي

(مان ڪوتا ڪونہ لکندو آهيان. مان اُلٽ ڪوتا لکندو آهيان. اُلٽ ڪوتا معنيٰ اهڙي ڪوتا جنهن ۾ ڪوتا سان جُڙيل خصوصيتون لڳ-ڀڳ غائب هونديون آهن. تازو ٢٣ جنوري ٢٠١٠ تي سنڌي اڪادمي دهليءَ دوارا آيوجت راشٽريہ ڪوي سميلن ۾ مون چار اُلٽ ڪوتائون پڙهيون، جيڪي هت بشڪريہ سنڌي اڪادمي پيش آهن.

(ا-ڪ)

١.

عمر جي واڌ
۽ صحت جي گهاٽ
جي حوالي ۾
وقت جي وراٽ ساگر ۾
غرق ٿيڻ کان اڳ ۾،
منهنجي آخري لڙائي
نہ ڪنهن سماج سان آهي
۽ نہ ڪنهن مُلڪ سان
نہ ڪنهن مذهب سان آهي
نہ وقت جي
ڪنهن ٽُڪري سان
بلڪ خود سان آهي.
خود
جيڪو هر پل ڪريو آهي
هر پل سنڀليو آهي
هر ڪِراوٽ
۽ هر سنڀالهت ۾
سالميت جي
ڪجهه قيمت
ڏيڻي پيئي اٿم
گويا مارڪيٽ ۾
ڪجهه خريد-فروخت
ڪيو هجيم.

(٢)

هڪ غزل-گرو شاعر کي مون چيو
حُضور! مان ڪجهه چوان
تہ اوهان
ناراض تہ نہ ٿيندا؟
چيائين-
مان جاهلن سان
ناراض ڪونہ ٿيندو آهيان

بَڪُ
جيڪي بڪٽو ھجيئي
چيم -
مونکي غزل پسند نہ آھي
پڇيائين -
ڇو؟
چيم -
اھو فارم جي لحاظ کان تہ
بند آھيئي
پر
ان جي ڪنٽينٽ بہ بند آھي
غزل - گرو
مون ڏانھن شوڪي
نھارڻ لڳو
جڻ
پنھنجي ناراضگيءَ کي
ڪنٽرول ڪندو ھجي
پر تُرت
ڦڪو کلندي چيائين -
توکي ڇا پسند آھي؟
مون چيو -
مونکي گوُ جل پسند آھي
حيرانيءَ مان پڇيائين -
اِھو گوُ جل ڇا آھي؟
چيم -
گوُ جل آھي
بي-پابند فارم ۾
ويچار-بم
شائستگيءَ سان سمجھايائين -
اسين ساھتڪار آھيون
اسين بم- وادي نہ
پر پريم - وادي آھيون
۽ عشق ۽ محبت لاءِ
غزل ئي ٺيڪ آھي!

(٣)
اڄ ڪالھہ
ٻُڌِن جو
بول - بالا آھي
ھاسپيٽل ھجي
يا ريلوي
بجلي گھر ھجي
يا پاڻي - گھر
ھوائي سفر ھجي
يا انڪم ٽئڪس
ھرھنڌ
ٻُڌِن کي
سھوليت ڏني ٿي وڃي
تازو مونکي
ھڪ ٻي سھوليت سان بہ

دو-چار
ٽيڪو پيو.
بس-اسٽاپ تي
ڪافي دير بيٺو هوس
پريل بسين ۾
چڙهي نه پيو سگهان
اوچتو
هڪ بس آئي
ڏٺم
اَڌ - خالي هئي
اَکيون بند ڪري
ان ۾ چڙهي پيس
۽ هڪ سيٽ تي
ويهي رهيس
جلدي
بس ڪنڊڪٽر
منهنجي سيٽ تي آيو
۽ چوڻ لڳو - تائو! بس مان لهي وڃ
هيءَ
ليڊيز اسپيشل آهي
مان
منهن ڦلڙو ڪري
اُٿڻ لڳس
ته ڪن ديوين
ڪنڊڪٽر کي
ڌمال چاڙهي -
ڏسين نٿو
ويچارو ٻڍو آهي
هلڻ کان هلاڪ
وهڻ ڏيس
اسانکي
ڪوئي اعتراض نه آهي
من ۾ چيم -
واه!
ٻڍاپي جو
اِهو به هڪ فائدو!

(۴)

هينئر هينئر
ڪوتا پڙهڻ لاءِ
جڏهن
مائيڪ ڏانهن
وڌڻ لڳس
ته
هٽ وينل
ڪوين مان
هڪ ڪويءَ
مونکي چيو -
ڪيماڙي صاحب
هاٿي ٽا ٽَن ٽا وٺو

پڇيومانس -
ڪوي سميلن ۾
ڪوتا پڙهڻ ٻه
ٽَڪُ آهي؟
چيائين -
هيٺين ساهت پريمين
۽
قدردانن جي سامهون

ٻه - چار
رَدي - سَدي
سٽون پڙهي
سُرڪِشت
پنهنجي
سيٽ تي
پهچي ويندا
ته اهو ٽَڪُ

نه آهي؟
هيءُ ڪوتائون
پڙهندي
شاعر ٻڻجڻ
جا
منهنجا خواب
ڦٽجي
پيا آهن!

**Block B-1-A, Flat No. 47-B**
**M. I. J. Flats,**
**Janak puri,  New Delhi -110058**
**Phone :  25549875,  Mob :  9871415939**

---

## مُبارڪون



شري آنند چمنداس ڪيماڻيءَ کي سندس ڪهاڻين جي مجموعي ’رشتن جي سياست‘ (۲۰۰۷) تي مرڪزي ساهت اڪادمي انعال سال ۲۰۰۹ عطا ٿيڻ تي

۽



شري جهمون چڱاڻيءَ کي سندس ترجمو ڪيل ڪتاب شري راڌا ۲۰۰۳ (مول ليکڪ : رَما ڪانت رَٿُ تي مرڪزي ساهت اڪادمي ڪتاب انعام ۲۰۰۹ عطا ٿيڻ تي.

سنڌالاجي پريوار



ڪهاڻي/لکمي کلاڻي

# پاڻ طرف موٽ

ممبئي سينٽرل اسٽيشن جي پليٽفارم تي موهن ڊوڙ پائيندي ٽرين پڪڙي. هٿ ۾ ڪنيل ننڍي بئگ کي گاڏيءَ اندر رکي، ٽپ ڏيئي چڙهڻ بعد هن راحت جو ساهه کنيو. پنهنجيءَ ٿوري غفلت سبب اَڄ پڪ ئي پڪ سندس هيءَ ٽرين ڇڏائجي وڃي ها. سيڪنڊ اي. سي. جي هن گاڏي ۾ هو پنهنجي ستون نمبر برٿ ڳولهڻ لڳو. اُها ٻئي چيڙي تي هئي. اُتي اَچي ڏٺائين ته سندس ان لوئر برٿ تي اڳ ۾ ئي هڪ عورت پنهنجي مٿان شال اوڙهي اطمينان سان ٽنگون ڊگهيري ليٽي پئي هئي. برٿ جي هيٺان واري جڳهه کي به پنهنجي سامان سان سٽي ڇڏيو هئائين.

’مئڊم! هيءَ برٿ ته ....‘

سامهون واري برٿ تي هڪ پيرسن جوڙو ويٺو هو. پيرمرد پنهنجي پير ۾ هن لاءِ جڳهه ڪندي چيو ’في الحال توهان هت ويهو!‘ ۽ هٿ ۾ ڪنيل بئگ کي پنهنجي برٿ هيٺان رکڻ جو ڪيس اِشارو ڪيائين.

بئگ هيٺان رکي هو ٻي دليو پير مرد جي خالي ڪيل سوڙهي جاءِ تي ويهي رهيو. من ئي من ۾ البت خار کائيندو رهيو. اَچي ٽڪيٽ چيڪر ته .....

هن ڏٺو ته سندس برٿ تي اکيون ٻوٽي ليٽيل جوان عورت جي ڇهري تي سخت پيڙا جا اُهڃاڻ صاف نظر ٿي آيا. ضرور هن سان ڪا ويڌن آهي. هي به ٿي ٻُڍا پنهنجي هن ڌيءُ يا نونهنءَ کي جس لوڪ اسپتال ۾ تپاس ڪرائڻ لاءِ وٺي ويا هوندا.

ٽرين جي رفتار وڌي ٿي تيز ٿيندي. لوڪل اسٽيشنون هڪ ٻئي پٺيان پڇڻديون ٿي ويون. ڪراڙي عورت ڪيس مخاطب ٿي چئي رهي هئي. 'هن پيٽ کي پنهنجي پاري بئگ کي نيڪ طرح سان هيٺان رکندي، ڇيلهه کي سٽ اچي ويئي. مون ئي ڪيس ٿوري دير ليٽڻ جي صلاح ڏني. آرام ايندي ئي هوءَ پنهنجي مٿين برٿ تي هلي ويندي.'

'اِٽ اِز آل رائيٽ. ڪيس تڪليف آهي ته پل ليٽي پيئي هجي، مان مٿي هليو ويندس.' هن نوجوان عورت اکيون کولي موهن ڏانهن نهاريو. هن جي عاجز چهري تي اُڀري آيل احسانمنديءَ جو ڀاوَ ڪيس ڇُهي ويو.

بوريوليءَ تان ڪي ٻيا به مسافر ٽرين ۾ چڙهيا. گاڏي چڙڻ بعد ڪارو ڪوٽ ۽ ڪاري ٽاءِ پهريل ٽڪيٽ چيڪر پڙدو هٽائي سندن ڪمپارٽمينٽ ۾ گهڙي آيو.

'ٽڪيٽ پليز؟'

پرئي مڙس ڪيس پنهنجي ٽڪيٽ ڏيکاري. 'مسٽر ۽ مسز بابو ڀائي شاهه، احمدآباد؟' بال پين سان ٽِڪ مارڪ ڪري ڪيس ٽڪيٽ واپس ڪيائين.

'احمدآباد گهٽي بجي پهچندي؟' پرئي مڙس ڪانئس پڇيو.

'لڳ ڀڳ رات جو ١٢ بجي.' هن به ڪيس پنهنجي ٽڪيٽ ڏني.

'موهن راجاڻي آديپور؟ او. ڪي!'

هن عورت به مٿي ڪان رکيل پنهنجي ٻٽوءَ مان ڪيس ٽڪيٽ ڪڍي ڏني.'

'اُشا گناترا، ڀُڄ؟ توهان جي هيءَ مٿين برٿ اَٿو'

'مون اها هن مئڊم سان ايڪسچينج ڪئي آهي. سندس طبيعت ٺيڪ ڪانهي.'

'ويري گڊ! ويري گڊ!' چوندو، مسڪرائيندو، هو پڙدو ڪيرائي اڳتي وڌي ويو.

موهن پنهنجي بئگ مان ٽوال صابڻ ڪڍي، هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ باٿ روم طرف وڌي ويو. موٽي اَچي ڏسي ته پيرسن جوڙي ناشتي جا دٻلا کولي ڇڏيا هئا.

’موهن ڀائي، اچو توهان به هٿ وڌايو. اُشا ڀين توهان به ....‘

اُشا پنهنجا پير پاسيرا ڪري، موهن جي ويهڻ لاءِ جڳهه ڪري ڇڏي. پيرسن جوڙي جي گهٽي آگره تي موهن ۽ اُشا کي هڪ هڪ ڍوڪلو ۽ ٻه ٽي ٿاڦرا کٽڻا پيا.

’توهان احمدآباد رهندا آهيو؟‘ بابو ڀائيءَ کان موهن پڇي ورتو.

’ها نورنگ پُرا ۾ ..... مون کي ڪپڙي جي پيڍي آهي. هاڻي پُٽ سنڀاليندو آهي. اسين ٻه ئي ڀيا تيرٿ پيٽيندا آهيون. هاڻي ٻه سائوٿ کان ٿا اَچون، ترپتي - ترمالائي ۾ بالاجيءَ جو درشن ڪري!‘

تيز رفتار سان ڊوڙندڙ ٽرين سمنڊ جي مٿان لوهي پل ڪراس ڪندي، شور مچائيندي ٿي هلي. ٽاڪي جي کاڙيءَ ۾ مهاڻن جا مڇيون ڦاسائڻ جا ٽنگيل جار نظر ٿي آيا. ڪناري تي بيٺل مال جون ٽِڪون، ٻيڙين ۾ پرجي آيل واري لوڊ ڪري رهيون هيون.

اُشا کين ٻڌائي رهي هئي ته هوءَ ممبئيءَ ۾ هڪ ملٽي نئشنل ڪمپنيءَ ۾ ڪامپيوٽر پروگرامر آهي. هفتو موڪل وٺي پيچ پنهنجي مائٽن سان گڏجڻ وڃي رهي آهي.

موهن کي ٻه پنهنجي واقفيت ڏيڻي پئي. آديپور ۾ رٽائرڊ زندگي گهاري رهيو آهيان. اسڪولي ٻارن کي پڙهڻ ۾ مدد ڪندو آهيان ۽ خالي وقت ۾ ٿورو گهڻو لکندو پڙهندو آهيان. هينئر ممبئيءَ ۾ آيوجن ٿيل هڪ ساهتڪ سيمينار ۾ شرڪت ڪري گهر موٽي رهيو آهيان.‘

ڪنڪا ٻين ٽائليٽ وڃي رهي هئي. هن اُشا کي ٻه سهارو ڏيئي اُٿاريو ۽ کيس ڇيلهه کان جهلي پاڻ سان گڏ وٺي ويئي. موهن پنهنجي

بڻگ مان پڙهڻ لاءِ هڪ ڪتاب ڪڍي اُن جا صفحا اُٿلائڻ لڳو.

موٽڻ بعد اُشا دريءَ سان وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ٽنگون ڊگهيري اَڌ ليٽي پئي. سندس سور هاڻي لڳو ٿي گهٽجي ويو هو. ’هي ڪهڙو ڪتاب پڙهي رهيا آهيو؟‘ هن موهن کان پڇيو. موهن هن ڏانهن پنهنجو ڪتاب وڌائيندي چيو ’شومر جو، دَ سِمال اِز بيوٽيفل.‘

’توهان وڪرم سيٺ جو ناول ’دَ سوٽيبلُ بواءِ‘ پڙهيو آهي؟‘

’نہ، اُهو هڪ دوست جي گهر ڏٺو هيم، تيرهن سوَ صفحا، قيمت پنج سوَ کان بہ مٿي. پاڻ ۾ ايتري سگهہ نہ ساريم.‘

اُشا وهاڻي هيٺان رکيل ’ٽائيمس آف اِنڊيا‘ ڪڍي کيس ڏيکاريندي چيو، اَڄ هن ۾ خبر ڇپي آهي تہ وڪرم سيٺ ان ناول جو Sequel لکي رهيو آهي، جنهن لاءِ کيس پنجن ڪروڙن جو ائڊوانس مليو آهي. ڇپجڻ بعد ضرور سندس هي ناول بہ بيسٽ سيلر بڻجي، هن لاءِ بيا بہ ڪيئي ڪروڙ ڪمائيندو. سچي عمر کيس پوءِ بيو ڪو ڪم ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي. مونکي هنن ليکڪن سان ريس ٿيندي آهي.‘ چوندي چوندي اُشا جي چهري تي حسد جو ڀاوَ اُڀري آيو. ’ڇا تون بہ ڪجهہ لکندي آهين؟‘ موهن سندس ساهت ۾ دلچسپي ڏسي پڇي وينو ’ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڪويتائون، پر اَنگريزيءَ ۾. پر ڪويتائن جا ڪتاب تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ گهٽا ڪونہ وڪامندا آهن، جو اُهي ڪويءَ کي پنهنجي آجيوڪا ڪڍڻ ۾ مدد ڪري سگهن.‘ اُشا چيو

’اهو صحيح آهي. ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ جي ڀيٽ ۾ ڪويتا ماڻهن کي گهٽ سمجهہ ۾ ايندي آهي. پر ڪويتا لکڻ مان ڪويءَ کي پنهنجو ذهني سُڪون ملندو آهي. اُهائي هن لاءِ وڏي ۾ وڏي پونجي هوندي آهي. تون لکندي رهہ. اُهي ڇپجن، نہ ڇپجن، اُن جي ڪڏهن بہ پرواهہ نہ ڪجا!‘ موهن کيس ڏڍ ڏيندي چيو.

’مان توهان کي پنهنجون ڪويتائون موڪليندس، پڙهي رايو ڏجو.‘

موهن ڏٺو ته سامهون واري برٿ تي پيرسن جوڙو پنهنجي پنهنجي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي جهوٽا کائي رهيو هو. اُشا به اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون. سندس ڇهري جو تناوَ هاڻي گهٽيو گهٽجي چڪو هو. موهن پنهنجي سامهون هن اڌ ليٽيل، ننڍي عمر واريءَ عورت جو نَنهن کان چوٽيءَ تائين معائنو ڪري ورتو. وٽندڙ روشن واري، رنگ جي صاف، هٿ پير نهايت ئي سڊول، چلڪٽا، ڪارا ڊگها وارا وهاڻي تي گهٽائن جيان ڦهليل. سندس اکين مان چُلڪندڙ پاڻ ۾ پورو پروسو هئڻ وارو ڀاوُ.

هن دريءَ مان ٻاهر نهاريو. سج هيٺ لهي سمنڊ ۾ غروب ٿيڻ جا سانباها پي ڪيا. پاڻيءَ جي سطح تي ٻاڙهائڻ هارجي ويئي هئي.

ٻه ٽي ڪلاڪ تيز ڊوڙڻ بعد گاڏي اَچي هڪ اسٽيشن تي اَچي ساهي پٽڻ لڳي. پليٽفارم تان ’چايه، چايه‘ جا آواز ٻڌي، بابو ڀائي ڇرڪ ڀري اُٿيو.‘ او چايه والا ..... چار چايه دو!‘

’مان چانهه نه پيئندي آهيان.‘ اُشا ڪيس منع ڪئي.

’ته پوءِ ڪافي پيئو!‘

موهن به آناڪاني ڪئي. ’موهن ڀائي، پيئو! ڊرپ ڊرپ واري هيءَ ٻڙيا چايه اَٿو!‘

اُشا پنهنجي هئنڊ بئگ مان هڪ بسڪوٽن جي پُڙي ڪڍي، اُن کي کولي، سيني ڏانهن وڌائي!

’توهان ته سُني ننڊ ڪري ورتي‘ موهن چانهه پيئندي بابو ڀائيءَ کي مخاطب ٿي چيو

’هن ٻڍاپي ۾ هاڻي اسان کي ننڊ ئي ته ڪرٽي آهي، ڀائي!‘

’ڏيءَ، تنهنجي پنيءَ جو سوُر ڪيئن آهي؟‘ ڪنڪا بين اُشا کان پڇيو.

’هاڻي بهتر ٿي پيانيان. پر اَڃا سڌو ٿي ويهڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي.‘

واپي اِسٽيشن تي پنج منٽ ترسڻ بعد ٽرين وري پنهنجو سفر شروع ڪيو. ٻئو ٻئي ٽنگون ڊگهيون ڪري هڪ ٻئي کي پاسو ڏيئي سمهي پيا. باقي ڇئن پنجن ڪلاڪن لاءِ ٻئي ڪان پنهنجي مٿين برٿ تي چڙهڻ نہ پڳو.

موهن بہ اُشا کي سڌو ٿي ليٽڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ مٿين برٿ تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

’مون کي ننڊ ڪانہ ٿي اَچي. توهان بلاشڪ آرام سان وينا هجو، توهان سان ڳالهيون ڪندي پاڻ وقت سنو پاس ٿي رهيو آهي.‘

’تو چيو هفتي لاءِ گهر وڃي رهي آهين. پر تو پاڻ سان سامان تہ تمام گهڻو ڪنيو آهي؟‘ موهن ڪانئس پڇي وينو.

اُشا کيس چيو ’ها، اسانجو وڏو عيال آهي. پينس، پائر، پاجايون، سندن ٻار پهچڻ شرط گهيري ويندا. ’آنٽي، اَسان لاءِ ڇا وٺي آئي آهين؟ رڳو ڊپ ٿو ٿئيم تہ مونکي ڪُٻڙي ٿي، هي سڀ سوُکڙيون ورهائڻيون پونديون.‘

’گهبراءِ نہ! سڀاڻي صبوح تائين تون بلڪل نوَبني ٿي ويندينءَ!‘ موهن کيس آٿت ڏيندي چيو.

بابو پائي ۽ ڪنڪا بين کي سندن انگريزي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪا دلچسپي ڪانہ هئي، هو پاسو ورائي اونگهڻ لڳا. ڪي پل سانت رهڻ بعد موهن اُشا کان پڇي وينو ’توهان جي آءِ. ٽي. سيڪٽر ۾ تہ پگهارون وڏيون هونديون آهن. ٻڌو اَٿم تہ توهان کي ساليانو لکن جو پئڪيج ملندو آهي. توهان جي فيلڊ جا جوان جوانڙيون بہ فلم ائڪٽرن ۽ ماڊلس جهڙي گليمرس زندگي گهاريندا آهن. فاسٽ لائيف، روز پارٽيون، هنن مٿان پنهنجي گهر پريوار جا ڪي ٻنڌن ڪونہ هوندا آهن.‘ ’ها اهو سچ آهي.‘ اُشا

ڪيس جواب ڏنو ’اسانجي مائٽن کي هر مهيني ڏهه ويهه هزار گهر ويني ملي ويندا آهن. هو اَسان جهڙين ڪمائو مشينن مان بيحد خوش آهن. اسان پنهنجي زندگي پنهنجي مرضيءَ انوسار جيئڻ ۽ پاڻ بابت هرڪو فيصلو وٺڻ لاءِ اڄ پوريءَ طرح آزاد آهيون!‘

موهن پنهنجي پڇا ڳاڇا جاري رکندي ڪانئس پڇيو ’مون ٻڌو آهي تہ ممبئيءَ ۾ فليٽ جي ڳاتي يڳي مسواڙ بچائڻ لاءِ ڪيترا جوان جوانڙيون پاڻ ۾ فليٽ شيئر ڪندا آهن.‘

هڪ ڪن لاءِ اُشا شرمائجي ويئي، پر ترت پاڻ کي سهج بڻائيندي چيائين ’توهان ٺيڪ ٻڌو آهي. اسان مان گهڻن ئي هاڻي ان طرح جي Live- in رليشنشپ جوڙي ورتي آهي، سيني جي سهوليت خاطر اڄ جي ماڊرن زندگيءَ جو اهو هڪ نارمل پيٽرن بڻجي ويو آهي. ان سان روز مره جي زندگيءَ جا ڪيترائي مسئلا پاڻمرادو حل ٿي وڃن ٿا. سيڪس هاڻي اڳ جهڙو Taboo نہ رهيو آهي. سرير جي ٻين ضرورتن جيان اها بہ محض هڪ ضرورت آهي‘.

’ڪٿي مان تنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ ڪو دخل تہ نہ ڏيئي رهيو آهيان؟ موهن شڪجندي ڪانئس پڇيو.

’مونکي لڳيٿو، توهان ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪو پلاٽ ڳولهي رهيا آهيو؟‘ اُشا ٺهڪ ڏيئي کيس ورجايو. موهن سندس ٺهڪ ۾ شامل ٿيندي چيو ’ٺيڪ آ، ائين ئي سمجهہ تہ مان توکي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪردار طور پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.‘

’ٺيڪ آ، پڇو، جيڪي پڇڻو اَٿو. پر اها ڪهاڻي لکڻ بعد مون ڏانهن ضرور موڪلجو!‘

’ائميريڪي اڪاناميءَ ۾ جيڪو مليٽ ڊائون آيو آهي اُن جو توهان تي بہ ضرور اَثر پيو هوندو!‘ موهن پنهنجي دريافت جاري رکي.

’ها، هت بہ هاڻي انهيءَ Hire ۽ Fire واري ڪلچر منهن ڪڍيو آهي. ڪنهن ڏينهن آفيس ۾ گهڙڻ شرط ٽيبل تي پيپر ويٽ هيٺان دٻيل هڪ ’ميمو‘ پر ڦڙڦڙائيندو نظر ايندو. ’شام جو وڃڻ مهل اڪائونٽس آفيس مان پنهنجي بقايا پگهار وٺندا وڃجو. سڀاڻي ڪان آفيس اَچڻ جي ضرورت نہ آهي.‘

اسان مان هرڪنهن کي ان سِٽيئوشن کي اڪيلي سِر فيس ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو آهي. اسان جا مرد ڪليگ تہ لفافو ڪڍي سڌو بار جو رُخ ڪندا آهن. ٻہ چار پيگ چاڙهي لڙ کڙائيندڙ قدمن سان گهر موٽندا آهن. باقي اسان جهڙين عورتن کي ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ ڪنهنجو ڪُلهو نصيب نہ ٿيندو آهي.‘ چوندي چوندي اُشا جو گلو ڀرجي آيو.

’آءِ. آئم ساري! مان اڻڄاڻائيءَ ۾ شايد تنهنجي فيلنگس کي هرٽ ڪري وينس!‘

’اِٽ اِز آل رائيٽ!‘ اُشا رومال سان پنهنجي چهري تي مڙي آيل خيالي پگهر اُگهندي چيو ’اسان کي اَهڙا ڪتا منا آزمودا هرروز ملندا ئي رهندا آهن. اُنهن کي فيس ڪرڻ جا هاڻي عادي ٿي ويا آهيون.‘

گاڏي سورت جي وڏي اسٽيشن تي اَچي بيٺي. اُشا ٻٽوئَ مان ڏهين روپئي جو نوٽ ڪڍي موهن کي ڏيندي چيو ’توهان کي ٿوري تڪليف ٿي ڏيان . منرل واٽر جي هڪ باٽل!

بابو ڀائيءَ بہ کيس ڏهين جو نوٽ ڏيندي چيو ’اڳو پوءِ هڪ بوتل اسان لاءِ بہ، پر ٿڌي نہ هجي.‘

موهن پليٽفارم تي لهي اڳو پوءِ پاڻيءَ جون ٽي بوتلون خريد ڪري دريءَ مان کين پاس آن ڪيون. هڪ هن پاڻ لاءِ بہ ورتي. گاڏي واري ڪان ٿورو ميوو بہ خريد ڪيائين. انگور، صوف، نارنگيون. رات جو ڪجهہ هلڪو کائڻ ئي بهتر هو.

گاڏيءَ ۾ موٽي اَچي ڏٺائين تہ بابو ڀائي ۽ ڪنڪا بين پنهنجي برٿ تي اخبارون وڇائي، ٽفن باڪس جا ڪيترائي ڏَٻا کولي رکيا هئا. اُشا بہ پاڻ سان آندل فوڊ پئڪيٽ مان سئنڊوچ ۽ فرينچ فراءِ وغيره ڪڍي پاسي واري ننڍي ٽيبل تي رکيا هئا. موهن بہ پنهنجي آندل ميوي کي وچ تي رکي ڇڏيو. چارئي ڄڻا ڄڻ ته هاڻي هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي بڻجي، هڪ ٻئي کي کارائڻ لاءِ زور ڀري رهيا هئا، پاڻ ۾ چرچو گهبو ڪري رهيا هئا.

کاڌو کائڻ بعد هاڻي هنن سمهڻ جي تياري ڪئي. موهن پنهنجي برٿ تي چادر وڇائي، پيرن وٽ ڪنبل رکي مٿي چڙهي ويو. ڪنڪا بين اُشا مٿان چادر ۽ ڪنبل وجهي کيس هاڻي اکيون ٻوٽي ننڊ ڪرڻ جي تاڪيد ڪري ڪمپارٽمينٽ جي بتي وسائي ڇڏي. زيرو بلب جي نيري روشنيءَ ۾ سندن چهرن جا ڌنڌلا خاڪا ننڊ کي نوتو ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

ٽرين پنهنجي منزل طرف تيزيءَ سان ڊوڙي رهي هئي. رات جي سناٽي ۾ اُن جو شورغل وڌي ويو هو. غنيمت هئي جو سندن اي. سي. گاڏيءَ جا در دريون سڀ بند هئا، ان ڪري سندن ننڊ ۾ رُخنو پوڻ جو امڪان گهٽ هو.

اَحمدآباد اَچي ويئي هئي. بابو ڀائي موهن کي ڌونڌاڙي اُٿاريو ’چڱو، اسان توهان کان موڪلايون ٿا. پنهنجو سامان سنڀالجو.‘

شريمتي ڪنڪا بہ اُشا جي مٿي تي هٿ ڦيري چيو، تنهنجي طبيعت هاڻي بهتر ٿي لڳي. صبوح تائين بلڪل ٺيڪ ٿي ويندينءَ. پنهنجو خيال رکجانءِ. ممبئيءَ موٽڻ مهل اسان وٽ ضرور لهجانءِ.!‘

اَحمدآباد مان سندن ڪمپارٽمينٽ ۾ ٻيو ڪو مسافر ڪونہ چڙهيو. ٽرين وري ڇُرڻ شروع ڪيو. اُشا، موهن کي هيٺ لهي سامهون واري برٿ واٽاڻ لاءِ چيو. ’مون وٽ سامان گهڻو آهي. ٻڊ ٿو ٿئي رات جو ڪو لاهي نہ وڃي.‘

موهن سندس چيو مڃي، پنهنجي چادر وهاڻو، ڪمبل هيٺئين برٿ تي وڇايو. ۽ بابو پائيءَ جي استعمال ڪيل بستري کي مٿي رکي ڇڏيو.

’توهان کي ٿوري تڪليف ته ڏيڻ چاهيان. ‘اُشا سهاري لاءِ هن ڏانهن هٿ وڌايو. موهن ڪيس ٻنهي ٻانهن کان پڪڙي پيرن تي بيهاريو ۽ ڪُلهن کان سهارو ڏيئي ٽوائليٽ وٺي ويو. اَڃا سندس پنيءَ ۾ سور هو. آڏو اُڀتو پڪڙڻ سان سندس منهن مان ڇيخ ٿي نڪري ويئي. موهن کي اچانڪ ياد آيو ته سندس شيونگ پائوچ ۾ هڪ ٽيوب هو. ڪنڌ مڙي وڃڻ سبب هن اهو استعمال ڪيو هو ۽ کيس ترت فائدو پهتو هو. هن پنهنجي پائوچ مان اها ٽيوب ڪڍي اُشا کي ڏيندي چيو، ’هيءَ ڪريم پنيءَ تي مهٽي سگهين ته توکي گهڻي راحت ملندي.

’ٿئنڪ يو! چئي، اُشا موهن جو سهارو وٺي اَچي پنهنجي برٿ تي پيٽ ڀر ليٽي پيئي. موهن پردو ڏيئي، بتي وسائي ڇڏي. پنهنجي مٿان شال اوڙهي، بلائوز جا بٽڻ ۽ برا جو هُڪ کولي، اُشا پنهنجي پنيءَ تي ڪريم لڳائڻ جي بي سود ڪوشش ڪئي. آخر موهن ڏانهن ٽيوب وڌائيندي چيائين، ’توهان مدد ڪريو. مان صبوح تائين جيئن ٺيڪ ٿي وڃان.‘

موهن اُٿي اَچي سندس پير ۾ وينو، ٽيوب مان پنهنجي آڱرين تي ڪريم ڪڍي، شال اندر هٿ وڌائي، هن سندس پنيءَ تي ڪنڌ کان چيله تائين اُها آهستي آهستي مهٽڻ شروع ڪئي. اُشا ترت رليف محسوس ڪيو. اِهو ڪريم جو ڪرشمو هو يا موهن جي هٿ جو جادوئي اثر. کيس محسوس ٿيو ته موهن جي آڱرين مان هڪ ڪرنٽ نڪري سندس پنيءَ جي ڪنڊي مان پاس ٿي سندس آڱر پڪڙي کيس شفايابيءَ طرف وٺي وڃي رهيو هو.

’توهان جي هيءَ ڪريم تہ ڪمال جي آهي. مان پاڻ کي گهڻو بهتر ٿي محسوس ڪريان. هاڻي منهنجي من جو بہ هڪ مونجهارو دور ڪيو!‘

موهن اُشا جي مٿي تي پاٻوهہ مان هٿ گهمائي چيو ’ها پڇ، ڇا ٿي پڇڻ چاهين. مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهيس تہ ضرور ڪندس.‘

منهنجو ائميريڪي باس مسٽر جانسن ايندڙ مهيني واپس پنهنجي هيڊ آفيس نيويارڪ وڃي رهيو آهي. هن مون کي بہ گڏ هلڻ جي آڇ ڪئي آهي. اُتي بہ سندس سيڪريٽري بڻجي ڪم ڪنديس. پگهار هتان ڪان ڏهوڻي ملندي. هن جي چوڻ موجب مون ۾ تمام گهڻي لياقت آهي. Innovative mind آهي. ائميريڪا وارن کي ان جو قدر آهي. مان بہ پيپسي ڪمپنيءَ جي CEO اندرا نويي جيان جيڪا ڀارتي مول جي آهي، ڪنهن ڏينهن سندن ڪمپنيءَ جو CEO بڻجي، ڪاميابيءَ جي شِکر تي پهچي سگهان ٿي. هن جي چوڻ مطابق، سندن ملڪ America is the land of golden opportunity توهان جيڪر مون کي ڪهڙي صلاح ڏيو؟

موهن اُٿي اَچي پنهنجي برٿ تي آهليو. ڪيس هاڻي ننڊ ٿي آئي. پوءِ بہ اُشا جي پڇيل سوال جو ڪيس ڪونہ ڪو جواب ڏيڻو پوندو. هن ڪيس چيو.

’مون کي لڳيٿو تہ تو اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجو سمورو سامان ڪڻي هاڻي مائٽن ڪان موڪلائڻ آئي آهين. مان تنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ پنهنجون شڀ ڪامنائون پيش ڪريان ٿو. May you climb from peak to peak!

رڳو پنهنجي بزرگاني تجربي مان توکي Success ۽ Excellence جو فرق ٻڌائي سگهان ٿو. ٽالسٽاءِ جي ڪهاڻي ’ماڻهوءَ کي گهڻا گز زمين کپي‘ جي ڪسان ڪردار جيان ڪڏهن مون بہ صبوح جو زمين ڪَڇڻ لاءِ ڊوڙ پاتي هئي. ٽاٽا برلا بڻجڻ جي مهت آڪانگا مونکي

ڪاميابيءَ جي هن مرڳ ترشنا پنيان ڊوڙايو هو. خوب ڊوڙايو هو. اچانڪ هڪ ڏينهن مونکي پنهنجي هن وئرت ڪرت جو احساس ٿيو ۽ مون ڊوڙڻ بند ڪري واپس گهر طرف موٽ ڪاڏي ۽ شام ٿيڻ کان اڳ ئي اَچي گهر پيرو ٿيس.

هينئر ڇاتو اَٿم تہ دنيوي ڪاميابيءَ پنيان ڊوڙ ڳلن تي ڦرڦڙائيندڙ پوپٽ جيان آهي. ۽ پنهنجي ڪم ۾ ماهر ٿيڻ جي تخليقي قوت من جي تار تي راڳ آلاپيندڙ ڪويل جيان، ذهني سکون ڏيندڙ آهي. سيني کي پنهنجي پرايل ساڄھ ۽ سوجهيءَ انوسار پنهنجي زندگيءَ بابت پاڻ فيصلو ونڻو آهي. ٻئي ڪنهن کي اُن ۾ دخل ڏيڻ جو ڪو حق ڪونهي!

موهن کي پتو ئي ڪونہ پيو تہ ڪنهن مهل سندس اکيون ڀوڳي ويون هيون. پنيرڪي جو هن کي اُشا مٿي تي هٿ گهمائي اُٿاريو. ’توهان جي آديپور اسٽيشن اَچڻ واري آهي.‘ موهن اکيون مهٽي اُٿي وينو. اُشا هن جي سامهون سڌي بيني هئي. ’وڃو باٿ روم مان هٿ مُنهن ڌوئي اَچو. مان تيار ٿي آئي آهيان!‘

موهن هٿ مُنهن ڌوئي پنهنجي بئگ ٻاهر ڪڍي. اُشا سان هٿ ملائي موڪلايو. هن کيس ڀاڪر ۾ ڀري ڳِل تي چُمي ڏني. وري ڪڏهن نہ ڪڏهن زندگيءَ جي هن ٽرين ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ٽڪرائجي وينداسين.

گاڏي موهن کي پليٽفارم تي لاهي، اڳيان وڌي ويئي. اُشا در تي بيهي هٿ لوڏي رهي هئي. پرڀات جي اُهاءَ ۾ هن جو چهرو ٻهڪي رهيو هو.

**6, Maleer,**
**Ward 4/A,**
**Adipur (Kutch) -370205**

لیک/ستيش روهڙا



# پوسٽ ماڊرن ازم ۽ سنڌي ڪهاڻي

## ادب ۽ ادبي لاڙا

انسان هڪ چيتن پراڻي آهي. انسانن جو مجموعو هئڻ سبب سماج به جيوت ۽ چيتن آهي. هرهڪ پراڻوان پدارٿ ۾ جيئن تبديل جو اچڻ لازمي آهي تيئن سماج ۾ بدلاءُ ٿيڻ به سڀاويڪ آهي. سماج ۾ بدلاءَ جا ڪارڻ ٻاهريون سماجڪ، راڄنيتڪ، ڌارمڪ، آرٿڪ حالتون ٿين ٿيون جنهن سبب سماج جي سوچ ۽ وهنوار ۾ ڦيرو اچي ٿو. سماج ۾ آيل اُهي تبديليون نئي لاڙن، وادن، ازمن جي حوالي سان ادب ۾ اظهار پائين ٿيون.

روس ۾ آيل انقلاب جي اثر سبب سماج ۾ اهو سوچ پيدا ٿيو ته هرڪو شخص ٻئي جي برابر آهي ۽ ڪنهن ملڪ جي ساڌنن تي سڀني ملڪ واسين جو حق آهي. ائين پرگتي‌واد يا ترقي پسنديءَ جي ڌارا پيدا ٿي ۽ جنهن جو اثر سماج جي هر کيتر ۾ ظاهر ٿيو. ادب ۾ به ترقي پسند ڌارا کي خوب اظهار مليو ۽ سنڌي ادب به ان ڌارا جي اثر کان آجو نه رهيو.

ائين نئي ترقي پسنديءَ جي ڌارا جي رد-عمل ۾ رومانواد ۽ پوءِ ماڊرن ازم يا جديديت جو وهڪرو سماج خواه ادب ۾ روان ٿيو. گذريل ٽن-چئن ڏهاڪن کان ائمريڪا ۽ يوروپ ۾ 'پوسٽ ماڊرن ازم' يا 'بعد جديديت' جي هلچل ڪافي زورشور سان هلي رهي آهي. سنڌي ادب تي جيئن

ترقي پسنديءَ واري ويچار ڌارا جو اثر ٿيو هو تيئن ان تي رومانواد ۽ مابڊرن ازم جو اثر به ٿيو. جيستائين پوسٽ مابڊرن ازم جو سوال آهي، اهو لفظ ۽ ويچار اڃا سنڌيءَ ۾ پورو مروج به نه ٿيو آهي ۽ ان جو ڪو اهڙو چٽو اظهار به سنڌي ادب ۾ ظاهر نه ٿيو آهي جو پوسٽ مابڊرن ازم کي سنڌي ادب ۾ موجود هڪ لاڙي جي روپ ۾ قبول ڪري سگهجي ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي. حقيقت ۾ هيءُ سيمينار هڪ طرح سان سنڌي ادب ۾ پوسٽ مابڊرن ازم جي عناصرن کي ڳولهڻ جي هڪ ڪوشش ئي آهي. ۽ ساڳي ڳالهه منهنجي پيپر سان به لاڳو سمجهڻ گهرجي.

هتي مان ٻن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان.

هڪ ته اهڙو ڪوبه وقت يا دور، ڪنهن به ادب ۾ - ۽ ان ڪري سنڌي ادب ۾ به - ڪونه هوندو آهي جنهن ۾ رڳو مخصوص سوچ جون رچنائون ٿينديون هجن. مثال طور ادب، ترقي پسندي، رومانواد، جديديت يا مابڊرن ازم جون حدون لتاڙيندو پوسٽ مابڊرن ازم جي حد تي اچي پهتو آهي، پر اڄ به سنڌي ادب ۾ ترقي پسندي، رومانوادي، ۽ جديد يا مابڊرن ۽ رچنائون به ٿي رهيون آهن ۽ پوسٽ مابڊرن ازم جي سنڌي ادب ۾ ڳولها به ٿي رهي آهي. اڄ به مشهور سنڌي ادبي مخزنن ۾ گهڻو تعداد انهن غزلن جو هوندو آهي، جن بابت سوچڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي ته اُهي ڪهڙي زماني جا لکيل آهن. ساڳيو حال ڪهاڻين جو به هوندو آهي. ان ڪري اها ڳالهه من ۾ رکڻ گهرجي ته جڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پوسٽ مابڊرن ازم جي ڳالهه ڪجي ٿي تڏهن ان جو سَولو مطلب اهوئي آهي ته پوسٽ مابڊرن ازم جا ڪي عناصر سنڌي ڪهاڻيءَ تائين پهتا آهن يا نه - ڇو ته مٿي جن ادبي لاڙن يا ڌارائن جو ذڪر ڪيو ويو آهي اُهي سڀ يارت جي ڌرتيءَ جي پيدائش نه آهن. اُهي ٻين ملڪن ۾ شروع ٿيڻ ڪان پوءِ يارت ۾ پهتا آهن ۽ هر ادبي لاڙي کي يارت ۾ پهچڻ ۾ ٽيهه-چاليهه سال ته لڳي ئي ويندا آهن. مثال طور

روسي انقلاب ١٩١٧ ۾ آيو پر ترقي پسنديءَ واري ڏارا سنڌي ادب ۾ چوٿين ڏهاڪي ڌاري پهتي. ساڳيءَ طرح سان ماڊرنازم جي شروعات يورپ ۾ آيل ٻوڏ جاڳرتيءَ کان پوءِ اَرڙهين صديءَ ۾ ٿي پر سنڌي ادب ۾ ان جو اثر ويهين صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي ۾ ٿيو. عام مڃتا موجب سنڌي ادب ۾ جدت جي شروعات ١٩٦٥ جي آس پاس ٿي.

ٻي ڳالهه ته مٿي ٻڌايل سڀ ويچار ڌارائون ٻاهران آيل آهن، ان ڪري انهن ڌارائن سان واسطيدارسڀ جا سڀ ليکڪ فيڪ يا فئشن پرست آهن، ائين سوچڻ صحيح نه ٿيندو. حقيقت ۾ ٿوري گهڻ وڌائيءَ سان سماجڪ حالتون هتي به اهڙيون هونديون آهن جن ۾ اهي ڌارائون وڌي سگهنديون آهن. چاڪاڻ ته اسان وٽ ادبي ويچارڪن جي کوٽ آهي ان ڪري انهن سڌانتن جي گنڀير ڇنڊڇاڻ ٿيل ڪانه هوندي آهي. هڪ مثال ئي ڪافي ٿيندو. هيري شيوڪاڻيءَ جو لکيل ڪتاب جدت جو مفهوم ١٩٧٥ ۾ شايع ٿيو. اڄ ان کي ٣٤ سال ٿي ويا آهن پر مون کي ڪو ٻيو اهڙو ڪتاب ڪونه مليو آهي جنهن ۾ جدت جي گنڀيرتا سان وڏيڪ ڇنڊڇاڻ ڪيل هجي. ڪي اُڙيا-ٽڙيا ان حوالي ۾ پيپر شايع ٿيا به آهن ته اُهي ڪافي اُچاترين پڌراين سان پريل آهن. مطلب ته ڪنهن به ويچارڌارا کي يورپ ۾ پيدا ٿيڻ ۽ اُسرڻ کان پوءِ به ڀارت ۾ پهچڻ ۾ ڏهاڪا ته لڳي وڃن ٿا.

## پوسٽ ماڊرنازم

پوسٽ ماڊرنازم جي ڪا وصف ڏيڻ سولي نه آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته پوسٽ ماڊرنازم اڄ جو بيحد چالو لفظ آهي جيڪو جيون سان واسطيدار هر کيتر سان جڙيل آهي - پوءِ اها ڪلا هجي، ساهتيه يا

ارڪيٽيڪچر هجي، ويچار شئلي هجي، فئشن هجي، ميوزڪ، فلم، سماجڪ وهنوار، سنچار يا ٽيڪنالاجي هجي. حقيقت ۾ پوسٽ ماڊرن‌ازم هڪ قسم جو لاڙو (trend) آهي. اهو ڪو باقاعدي وصف جي حوالي ۾ سمجهايل سوچ نہ آهي، ان ڪري ئي ان جي ڪا وصف ڏيڻ سولي ڪانهي. ۽ ان سوچ جا پيروڪار چاهين بہ ڪونہ ٿا تہ پوسٽ ماڊرن ازم ڪي ڪنهن وصف جي حوالي ۾ جڪڙجي.

ڪيتر ڪان سواءِ وقت جي خيال ڪان بہ وقت جي اهڙي ڪا ليڪ ڪڍڻ ڏکي آهي جنهن ڪان پوسٽ ماڊرن ازم جي شروعات ڇئي وڃي. اهو سچ آهي تہ ائمريڪا ۽ يورپ ۾ ستين-اٺين ڏهاڪي ڪان ادبي حلقن ۾ پوسٽ ماڊرن‌ازم بابت گفتگو ٿيڻ شروع ٿي ۽ نائين ڏهاڪي ڪان ان تي ڪافي بحث - مباحث ٿيڻ لڳو آهي. اڄ تہ پوسٽ ماڊرن ازم جو استعمال ٻوڏڪ طبقي ۾ چڻ هڪ فئشن آهي ۽ پاڻ کي ٻڌي- جيوي ڏيکارڻ جو ساڌن بہ آهي.

هونئن پوسٽ ماڊرن ازم جو مطلب آهي ’ماڊرن ازم ڪان پوءِ‘. ان ’پوءِ‘ جا بہ مطلب نڪرن ٿا.هڪ تہ وقت جي خيال ڪان يعني ماڊرن ازم جي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ رچيل ادب؛ ۽ ان جو ٻيو مطلب نڪري ٿو ’ماڊرن‌ازم‘ جي حوالي ۾ يا ماڊرن‌ازم سان واسطيدار سوچ ۽ ويچارن ڪان پوءِ جو سوچ ۽ ويچار. پوسٽ ماڊرن ازم کي ماڊرن ازم ڪان پوءِ جي ويچار ڌارا سمجهڻ وارا بہ ٻن قسمن جو سوچ رکندڙ آهن. هڪڙا اُهي آهن جيڪي پوسٽ ماڊرن ازم‌کي ماڊرن ازم جو ئي واڌو هلندڙ سلسلو سمجهن ٿا پر ٻيا اُهي آهن جن جي خيال موجب دنيا جي بدليل ٻوڏڪ حالتن سبب ماڊرن ازم جون ڪيتريون مڃتائون هاڻي اهم نہ رهيون آهن. پهرئين گروپ جي مڃيندڙن ۾ مکيہ نالو ليوٽارڊ جو آهي جڏهن ڪ ٻيءَ ڌارا جي مڃيندڙن جو مکيہ ويچارڪ ديريدا آهي. پر سيني پوسٽ ماڊرن ازم جي پوئلڳن جي مڃتا آهي تہ پوسٽ

مادرن ازم، مادرن ازم جي رد-عمل يا ورود ۾ پيدا ٿيل ويچار ڌارا نہ آهي. ها، مادرن ازم جي خيال کان کي ڌارٽائون آهن جيڪي مادرن ازم جي مرڪزي سوچ جو حصو آهن، پوسٽ مادرن ازم ۾ بہ اُهي موجود تہ آهن پر اهي اهڙيون اهم نہ آهن ۽ ان ڪري اُهي مرڪز جي بدران هڪ طرح سان حاشيي تي آهن. ڪي اهڙيون ڌارٽائون بہ آهن جيڪي مادرن ازم ۾ اهم نہ هيون اُهي پوسٽ مادرن ازم ۾ مرڪزي ڌارٽائون بڻجي پيون آهن. مثال طور بوڌڪتا (رئشنلي)، تَرڪ سَنگتي (ريزننگ)، وگيانڪ سچ (سائنٽيفڪ ٽرٿ) ۽ عمل-رد عمل جي اصول جي مڃتا، ويوستا ورود، آتم بيگانيت وغيره مادرن ازم جون مکيہ ڌارٽائون آهن. جنسيپڻو (سيڪسيوئلٽي)، زمان- مڪان جي واسطيداري، ڀاشائي رچنا، ان جون گهٽ اهم ڌارٽائون آهن. جڏهن ڪ پوسٽ مادرن ازم ۾ اَبوڌڪتا، غير ترڪ سنگتي،سچ جي ٽڪرن ۾ ورهاست؛ جهڙين ڌارٽائن کي وڏيڪ اهميت آهي. ڪن آڌارن (پئرا ميٽرن) تي سلسليوار رچنا جي پرورتيءَ کي پوسٽ مادرن ازم ناڪاري ٿو. پوسٽ مادرن ازم ڪنهن بہ وصف يا صفتن کي سويڪار نٿو ڪري. ان ڪري مادرن ازم جڏهن، هڪ واد يا هڪ ٿيئري آهي، پوسٽ مادرن ازم اهڙو ڪوبہ ’واد‘ يا ’ازم‘ نہ آهي. پوسٽ مادرن ازم هڪ لاڙو (trend) ماتر آهي. ان ڪري سچ تہ ان جو نالو ’پوسٽ مادرن ازم‘ بہ ڀرم پيدا ڪندڙ آهي. هڪ وڏو تفاوت مادرن ازم ۽ پوسٽ مادرن ازم ۾ ڀاشا بابت نظريي ۾ آهي. مادرن ازم ۾ ڀاشا هڪ رچنا يا ڍانچو (اسٽرڪچر) آهي ۽ ڀاشا ڪنهن اصلي شئہ جي عيوضي آهي؛ پر پوسٽ مادرن ازم ۾ ڀاشا پاڻ کان ٻاهر ڪنهن شئہ جي عيوضي نہ آهي پر پنهنجو پاڻ ۾ پورڻ شئہ آهي جنهن کي سندس پنهنجي ئي حوالي ۾ سمجهڻو آهي. هن حوالي ۾ زيڪ ديريدا ۽ اُن جي ڊيڪنسٽرڪشن جو بيان ڪرڻ ضروري آهي. زيڪ ديريدا جو جنم ۱۹۳۰ ۾ فرانس ۾

ٿيو هو. پوسٽ ماڊرن ازم جي حوالي ۾ ديريدا جي ڊيڪنسٽرڪشن جي خاص اهميت آهي. حقيقت ۾ ڊيڪنسٽرڪشن ’پوسٽ اسٽرڪچرل ازم‘ جوئي نالو آهي.

’ڪنسٽرڪشن‘ هونئن تہ هڪ عام لفظ آهي، گهرن-بلڊنگن جي ٺهڻ جي حوالي ۾ ڪنسٽرڪشن لفظ جو استعمال ٿيندو آهي؛ پر اهو لفظ ڀاشا وگيان ۾ ڪافي گهڻو اهم آهي. حقيقت ۾ ڀاشا جدا جدا ڪنسٽرڪشنس يا رچنائن جو مجموعو آهي ۽ هر ڪنسٽرڪشن يا رچنا جو هڪ مقرر اسٽرڪچر يا ڍانچو آهي. جيئن - ’سٺو ڇوڪرو‘ هڪ ڪنسٽرڪشن يا رچنا آهي ان جو اسٽرڪچر يا ڍانچو اهو آهي تہ اها ٻن لفظن جي رچنا آهي، جنهن ۾ پهريون لفظ ’صفت‘ آهي ۽ ٻيو لفظ ’اسم‘ آهي. صفت جي جنس ۽ عدد جي اسم جي جنس ۽ عدد سان مناسبت آهي. ’ڇوڪرو‘ اسم جنس مذڪر ۽ عدد واحد آهي، ان ڪري ’سٺو‘ صفت جي جنس بہ مذڪر ۽ عدد واحد آهي. سنڌي ڀاشا ۾ ساڳئي قسم واري ڍانچي جون گهڻيون ئي رچنائون ٺي سگهن ٿيون. هرڪنهن ڀاشا ۾ جدا جدا قسمن جون گهڻيون ئي رچنائون ٺي سگهن ٿيون. ۽ هر رچنا کي پنهنجو الڳ ڍانچو ٿئي ٿو. ان ڪري ڀاشا هڪ قسم جو اسٽرڪچر آهي.

اسين جڏهن بہ ڪا ٽيڪسٽ يعني پاٺ پڙهون ٿا تہ اسين ان جو مطلب ان ۾ آيل رچنائن يعني ڍانچن مان ئي ڪريون ٿا. ٽيڪسٽ هڪ جملي جي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ سڄي ڪتاب کي بہ هڪ ٽيڪسٽ سمجهي سگهجي ٿو. سولائيءَ لاءِ مان ٽيڪسٽ لاءِ پاٺ لفظ جو استعمال ڪري رهيو آهيان.

پوسٽ ماڊرن ازم جي هڪ اهم ڌارڻا آهي پوسٽ اسٽرڪچرل ازم. هيءَ ڌارڻا مکيہ طرح سان ديريدا جي آهي ۽ ان کي ئي ڊيڪنسٽرڪشن (رچنا ڀڃ) جو سڏانت چيو ويو آهي. ڊيڪنسٽرڪشن يا ’رچنا ڀڃ‘ جي مڪمل وصف آهي ‘Critical reading of a text’

يعني ’ٽيڪسٽ يا پاٺ جي باريڪ واچڻي‘. هاڻي ان باريڪ واچڻي يا پڙهڻ جو مطلب ڇا آهي؟ ان جو مطلب اهو آهي ته اسين جيڪا ٽيڪسٽ ڪنسٽرڪشنس يا رچنائن جي حوالي ۾ پڙهون ٿا ان ۾ اهو سڀ سمايل ڪونهي جيڪو ان ٽيڪسٽ سان واسطيدار آهي. ان ڪري ڪنهن ٽيڪسٽ کي ان جي سموريت ۾ سمجهڻ لاءِ ان ٽيڪسٽ کي انهن ظاهر رچنائن مان ٻاهر ڪڍڻو پوندو يعني ان ٽيڪسٽ کي ڊي ڪنسٽرڪٽ ڪرڻو پوندو ۽ ان مان معنائن جا اُهي حوالا ڳولهڻا پوندا جيڪي ان جي حاشيي، فوٽ نوٽس ۾ لکيل يا اڻ لکيل آهن ۽ اُهي حوالا به ڳولهڻا پوندا جيڪي ان ٽيڪسٽ جي سِٽن جي وچ ۾ اڻ لکيل آهن ۽ جيڪي ان ٽيڪسٽ جي ڪنسٽرڪشنس يا رچنائن جي حد بندي ۽ جڪڙ سبب حاصل ڪونه ٿا ٿين. هاڻي مان هڪ مثال دوارن مٿي ٻڌايل سڏانت کي چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

ستيش روهڙا، رَوي ٽيڪچنداڻيءَ کي ٢٢ آگسٽ تي هڪ اِي-ميل موڪلي، جنهن ۾ هيٺيون مضمون لکيل هئو.

چڱو، مان ٢٧ تاريخ پهچان ٿو.

اِي-ميل جي اها هڪ سٽ هڪ ٽيڪسٽ يا پاٺ آهي. هاڻي اچو ته ان کي باريڪ طرح سان پڙهون. هن پاٺ ۾ ٽي ڪنسٽرڪشنس يا رچنائون آهن - چڱو، ٢٧ تاريخ، مان اچان ٿو. هنن رچنائن مان هرهڪ رچنا جو پنهنجو اسٽرڪچر يا ڍانچو آهي. هنن رچنائن بابت هيٺيان سوال سامهون اچن ٿا. جن جا جواب حاصل ڪرڻ کپن، جيئن پاٺ کي سموريت ۾ سمجهي سگهجي.

ــ اي-ميل ٢٢ تاريخ ڪيل ۽ اچڻ جو ڪم ٢٧ تاريخ تي ٿيڻو آهي. ان جو مطلب ته ڪم مستقبل ۾ ٿيڻو آهي، ته پوءِ فعل جي رچنا ۾ زمان حال ’اچان ٿو‘ ڇو لکيو ويو آهي؟

ــ ٢٧ تاريخ ته لکيل آهي پر مهنو لکيل نه آهي، ڇو؟

— ’چڱو‘ رچنا جو استعمال ڇو ڪيو ويو آهي؟ رڳو اڇڻ جي سوچنا لاءِ ايترو لکڻ ڪافي هو تہ ٢٧ تاريخ پهچان ٿو. ان مان ڇا اهو ظاهر نٿو ٿئي تہ اول ’نہ اڇڻ‘ جي ڳالهہ ٿيل هئي، ان کي رد ڪري ’اڇڻ‘ جي قبوليت ڏني وئي آهي.

’چڱو‘ رچنا مان ’لاچار ڪرڻ‘، نہ ’چاهيندي بہ ڪرڻ‘ جي ڏوني نڪري ٿي.

— اها لاچاري ڪهڙي هئي جو نہ چاهيندي بہ ’اڇڻ‘ لاءِ ’چڱو‘ چوڻو پيو؟

— پهرين نہ ڪرڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هئو؟

— ان ’نہ‘ - ’ها‘ جي استٿي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هئو؟

مٿين سوالن (ٻين بہ اهڙن ڪيترن سوالن) جا جواب اي.ميل. جي ظاهر ٽيڪسٽ ۾ ڪونهن پر اُهي ٽيڪسٽ جي اردگرد ٿي آهن ۽ ٽيڪسٽ جي آڌار تي ئي ڳولهڻا آهن. مثال طور ٽيڪسٽ ۾ تاريخ کان پوءِ ’مهنو‘ لکيل ڪونهي. اهو سٽن جي وچ ۾ اڻ لکيل ’آگسٽ‘ آهي ڇو تہ ٢٧ آگسٽ تي ٿيڻ واري ڪاريہ جي اي.ميل موڪليندڙ ۽ حاصل ڪندڙ کي ڄاڻ آهي.

’چڱو‘ رچنا جي جاچ ڪبي تہ هڪ طرح جو اڻ لکيل فوٽ نوٽ ملندو. ’ايئر فيئر نہ ملڻ سبب مون نہ اچڻ جو فيصلو ڪيو هو، پر تنهنجو چوڻ ٽاري نٿو سگهان. رڳو ان ڪري ئي مان اچان ٿو.

’نہ-ها‘ جي استٿيءَ جي چڱيءَ طرح سان جاچ ڪبي تہ حاشيي ۾ اهو لکيل ملي ويندو تہ اول تہ ايئر فيئر جي قبوليت ملي هئي ۽ ’مان‘ وڃڻ جو فيصلو بہ ڪيو هو پر ايئر فيئر ڏيندڙ سنستا ۾ ڪِٽ-پِٽ ٿي پوڻ سبب اها قبوليت اڌ ۾ رهجي وئي. هڪ اڻ لکيل سوچنا اها بہ پڙهي سگهبي تہ گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي پر هن عمر ۾ ٢٥-٢٦ ڪلاڪ گاڏيءَ ۾ وهڻ ڪافي تڪليف پريو ٿو لڳي.

ان سوچنا مان اهو بہ انومان لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو 'مان' وڏيءَ عمر جو آهي ۽ ڪيس چڱو پري ڪان اچڻو آهي.

مٿي هڪ ڀيرو وري ٽيڪسٽ کي ٿورو باريڪيءَ سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ ان ٽيڪسٽ سان واسطيدار اڃا ٻيا بہ ڪيترا سوال آهن جن جي جوابن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. مثال طور ٢٧ تاريخ تي اهڙو ڪهڙو اهم ڪاريہ ٿيڻو آهي جنهن ۾ 'مان' جي شموليت ضروري آهي. 'مان' ڪيترو پري ڪان، ڪٿان اچي رهيو آهي؟ واسطيدار سنسٿا ۾ ڪِٽ-پِٽ ڇو ٿي آهي؟ ان جو اثر 'مان' جي ايئر فيئر تي ڇو ٿيو آهي؟ وغيره.

حقيقت ۾ ان هڪ سِٽ جي ٽيڪسٽ کي پوريءَ طرح سان سمجهڻ لاءِ ٽيڪسٽ سان واسطيدار جيڪا بہ خبرچار هجي، اها ڄاڻڻ ڪان پوءِ ئي ان ٽيڪسٽ کي پوريءَ طرح سان سمجهي سگهبو. هيءَ تہ هڪ سٽ جي ٽيڪسٽ آهي پر جي ڪائي پوري رچنا هجي تہ ان کي سمجهڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ان رچنا جي حوالي ۾ تاريخ، جاگرافي، سماج وگيان، منووگيان وغيره سان واسطيدار ڄاڻ جي ضرورت پوندي آهي.

ڇوڻ جي ضرورت ڪانهي تہ ديريدا جي ڊيڪنسٽرڪشن يا 'رچنا پيچ' جو سڌانت ڪافي گنڀير ۽ پيچيدو آهي. هتي هڪ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ڊيڪنسٽرڪشن آلوچنا جي هڪ پڌتي آهي. ڪنهن بہ ٽيڪسٽ کي ان جي ظاهر گرامر واري رچنا ڪان الڳ ڪري، ان رچنا سان واسطيدار سڀني حوالن سان ان کي جوڙي پڙهڻ - سمجهڻ جو سڌانت آهي.

مون پنهنجي محدود اڀياس موجب ان سڌانت کي سمجهڻ - سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون کي وشواس آهي تہ منهنجي هن پيپر پڙهڻ ڪان پوءِ سنڌي اديبن خاص ڪري نقاد دوستن کي 'ڊيڪنسٽرڪشن' اوپرو لفظ نہ لڳندو ۽ اهائي هن پيپر جي مراد بہ

آهي. باقي ديريدا ۽ ڊيڪنسٽرڪشن کي سمجهڻ لاءِ اڃا ڪافي گهڻي چنڊ چاڻ جي ضرورت آهي.

پوسٽ ماڊرن‌ازم، ماڊرن ازم جي حد وٽان ئي شروع ٿئي ٿو ان ڪري پوسٽ ماڊرن‌ازم، ماڊرن ازم کان بلڪل الڳ ۽ ورونڌي ساهتيڪ فلاسافي نہ آهي. هن حوالي ۾ پوسٽ ماڊرن‌ازم جي هڪ اهم علمبردار ليوتارڊ جو خيال پڙهڻ جوڳو آهي جيڪو هن ١٩٨٨ ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي. ليوتارڊ جو جملو آهي.

'The whole idea of post modernism is perhaps better rethought under the rubric of rewriting modernity'

مٿئين گفتي جو ٿلهي ليکي مطلب آهي تہ 'اهو شايد بهتر ٿيندو تہ ماڊرنٽيءَ بابت وري سوچيو وڃي ۽ ان کي نئين حوالي کي خيال ۾ رکي وري لکيو وڃي.'

## سنڌي ڪهاڻي

سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙ عام طرح سان ان راءِ جا آهن تہ سنڌي ادبي ڪهاڻي ١٩٤٠ جي آس پاس شروع ٿي. اهو يگ راڄنيتڪ، سماجڪ، آرٿڪ سڄاڳيءَ جو يگہ هئو. ملڪ جي ورهاڱي تائين جيتوڻيڪ کي گهڻيون ڪهاڻيون ڪونہ لکيون ويون، پر جيڪي لکيون ويون انهن مان گهڻين ۾ ترقي پسندي يعني پرگتي وادي ۽ سماج سڌار جي ويچارن جو اظهار هئو. البت ان عرصي ۾ ئي آسانند مامتورا جي لکيل 'ڪِڪِي' ڪهاڻي بہ ملي ٿي جنهن جو آڌار فرائڊ جي ويچار ڌارا آهي. جيتوڻيڪ اها ڪهاڻي بہ آخر ۾ سماج سڌار جي ڪهاڻي ئي بڻجي ٿي پوي؛ جو پنهنجي نستي‌گهوٽ جي رد عمل ۾ جيڪا عورت سپني ۾ پنهنجي پيءُ سان جنسي سک ماڻي ٿي اها ئي عورت پڇتاءَ جي روپ ۾ ساڳئي نستي- بيمار پتيءَ جي ستي-ساوتري بڻجي سيوا ڪري ٿي.

ملڪ جي ورهاڱي کان ترت پوءِ جي ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسنديءَ جي ويچارن جو ئي غلبو رهيو، جنهن ۾ ورهاڱي جو درد ۽ سنڌيت جو جذبو به شامل ٿي ويو.

سٺين ڏهاڪي جي وچ ڌاري سنڌي ادب ۾ ڦيرو اچڻ شروع ڪري ٿو ۽ اها تبديل سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن تبديل کان اول لکيل سنڌي ڪهاڻي سماج سان واسطيدار، سماج ڏانهن مخاطب ۽ سماج ڏانهن جوابدار هئي پر سٺين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ کان لکجندڙ ڪهاڻي سماج جي برعڪس شخص ڏانهن - مخاطب ٿيڻ شروع ڪري ٿي ۽ سماج سان واسطيدار هئڻ جي باوجود اها سماج جي بنسبت شخص سان - سموري شخص سان جڙڻ لڳي ٿي ۽ ان ڪري هوءَ سماج جي بدران شخص ڏانهن جوابدار ٿيڻ لڳي ٿي. اها ڪهاڻي ئي اڳتي هلي جديد يا ماڊرن ڪهاڻيءَ جي نالي سان مشهور ٿئي ٿي.

هتي به سوال پڇي سگهجن ٿا. هڪ ته سٺين ڏهاڪي ۾، سنڌي ادب ۾ ۽ ان ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ به، ان قسم جو ڦيرو ڇو آيو؟ ڇا سنڌي سماج جي سماجڪ يا ٻين حالتن ۾ اهڙي ڪا تبديل آئي هئي، جيڪا تبديل ادب جي هن تبديل جو ڪارڻ هئي؟ ۽ ٻيو سوال ته نئون ادب يا جديد ادب ۽ ان ڪري جديد ڪهاڻي به - ڪهڙين ڳالهين يا حوالن ۾ اول واري ادب کان الڳ يا مختلف هئو؟

پهرئين سوال جو جواب اهو آهي ته ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ جي پنڌرهن-ويهن سالن ۾، سنڌي سماج جي سماجڪ خواهه آرٿڪ حالتن ۾ ڪو خاص فرق ڪونه پيو هو ۽ راڄنيتڪ طرح ته هو اڃا به شرڻارٿي ئي هئا. ان ڪري ڪو اتهاسڪ ڪارڻ سنڌي ادب جي بدلاوءَ جو نظر نٿو اچي، سواءِ ان جي ته هنن ويهارو سالن ۾ سنڌي اديب کي ٻين ٻولين - خاص ڪري، هندي، اڙدو، بنگالي، مراٺي انگريزي ۽ فرينچ ڀاشائن جي ادب کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو. بنگالي، مراٺي،

انگريزي ۽ فرينچ  ڀاشائن جو ادب گهڻي ڀاڱي ترجمي جي روپ ۾ موجود هو. سنڌي اديب، خاص ڪري جوان پيڙهيءَ جي اديبن اهو محسوس ڪيو ته دنيا جو ادب بدلاوءَ جي رستي تي ڪافي اڳتي نڪري ويو هو ۽ سنڌي ادب ۾ اچا شروعات ئي ڪانه ٿي هئي. سنڌي ادب جي پٺتي رهڻ جي ثبوت طور هتي اهو ٻڌائي سگهجي ٿو ته ڇهين-ستين ڏهاڪي ۾ جڏهن يوروپ ۽ ائمريڪا ۾ پوسٽ ماڊرن‌ازم تي بحث شروع ٿي ويو هو، تڏهن سنڌي ادب ۾ اچا ماڊرن‌ازم جي شروعات ٿي رهي هئي؛ ۽ اهو بحث ٿي رهيو هئو ته ماڊرن‌ازم جي پهرين ڪهاڻي ايشور آنچل جي 'ڇهاءُ' ڪهاڻيءَ کي مڃجي يا نه مڃجي جيڪا ١٩٥٨ جي آس پاس لکيل آهي!

هاڻي ٻيو سوال ته ماڊرن يا جديد ادب اول جي ادب کان ڪهڙين ڳالهين يا حوالن ۾ الڳ يا مختلف هو. ماڊرن‌ازم واري  ادب کان اول واري ادب لاءِ  اول ئي ٻڌايو ويو آهي ته ان ۾ سماج سڌار، ترقي پسندي ۽ سنڌيت جي جذبي جو غلبو هئو. ان کان سواءِ ان ادب ۾ قوميت، راشٽريه ۽ سانسڪرتڪ چرتر، اننت جي مهما، سماج ويوسٿا جي اهميت (جنهن ۾ به  شادي ۽ ڪٽنب جي خاص اهميت هئي) عمل ۽ رد-عمل جي مڃتا؛ جهڙا موضوع سمايل هئا. هيءُ ساهتيه خاص ڪري ڪٿا ساهتيه، ٽئگور، شرت چندر ۽ پريمچند جي‌ويچار ڌارائن جو هڪڙو اهڙو مڪسچر هئو جيڪو بيحد منو ته هئو پر بانسي هئو. حقيقت ۾ سماج جون حالتون بيحد ئي ڪَوڙيون ۽ نه سهڻ جهڙيون هيون. سماج جو دٻاءُ شخص کي اندر ئي اندر بي چَين بڻائي رهيو هئو. اهڙين حالتن ۾ هر رچناڪار-خاص ڪري ڪٿاڪار-شخص جي اهڙيءَ حالت کي اظهار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ائين جديد ادب وجود ۾آيو. جديد ادب هڪ طرح سان شخص جي سماج جي خلاف للڪار جو ادب آهي.

جديد ادب جي اهم صنف هئڻ سبب سنڌي جديد ڪهاڻي به

پنهنجي اول جي ڪهاڻيءَ کان پوريءَ طرح سان الڳ ٿي بيهي ٿي. جديد ڪهاڻيءَ جو مرڪزي نقطو آهي ويوسٿا جو وروڌ؛ پوءِ اها ويوسٿا ڪٽنبي ويوسٿا هجي، شاديءَ جي ويوسٿا هجي سماجڪ ويوسٿا هجي. يا راجنيتڪ ويوسٿا هجي. ان ڪري جديد سنڌي ڪهاڻي ڪٽنبي ويوسٿا کي نڪاريندي سمورن سماجڪ رشتن کي نڪرائي ٿي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾ چئي سگهجي ٿو تہ ماڊرن يا جديد سنڌي ڪهاڻي اٺين ۽ نائين ڏهاڪي ۾ پنهنجي اوج تي پهتي جنهن ۾ موهن ڪلپنا، لعل پشپ، انند کيماڻي، شيام جئسنگهاڻي، هريش واسواڻي، پريم پرڪاش، ايشور چندر، پوپٽي هيرانندڻي ۽ کيئل ٻلاڻيءَ جهڙا برجستا ماڊرن ڪهاڻيڪار ٿيا. نائين ڏهاڪي جي اڌ کان پوءِ ماڊرن ويچار وارا ڪي نوان سجاڳ ليکڪ بہ اُڀري آيا. جن ۾ هيرو شيوڪاڻي، ستيش روهڙا، ايشور ڀارتي وغيره جا نالا کڻي سگهجن ٿا.

جيتوڻيڪ مان سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ لکڻ نہ وينو آهيان ان ڪري هن ڏارا جي سيني ڪهاڻيڪارن جا نالا ڏيڻ مون لاءِ ضروري نہ آهي پر هن عرصي جي ڪن مشهور ڪهاڻيڪارن کي هن لسٽ ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي. جن مان مکيہ آهن گنو سامتاڻي ۽ ڪرشن کٽواڻي. مون هن لسٽ ۾ اوائلي دور جي جديد ليکڪن وشنو ڀاٽيا برج موهن، موهن ديپ وغيره جا نالا بہ شامل نہ ڪيا آهن. ان جو مکيہ آڌار آهي ڪهاڻين ۾ واڌو جذبات جو هئڻ.

ادبي جڳت - خاص ڪري ڪهاڻيءَ جي حوالي ۾ هميشہ چيو ويندڙ اهو گفتو تہ 'سني ڪهاڻي اها آهي جيڪا دل کي ڇهي' ماڊرن ڪهاڻيءَ سان لاڳو نٿو ٿئي. ان ڪري واڌو جذبات واريون ڪهاڻيون جيڪي دل کي ڇُهن ٿيون يا جسم کي پڙڪائين ٿيون اُهي ماڊرن ڪهاڻيءَ جي دائري ۾ نٿيون اچن. منهنجي خيال موجب واڌو جذبات کي ماڊرن ڪهاڻيءَ ۾ ڪا جاءِ نہ آهي پوءِ اها واڌو جذبات، ديش جي

هجي، ڀاشا جي هجي، قوم جي هجي، ڌرم جي هجي چاهي سيڪس جي هجي. جينوئٽيڪ اها به حقيقت آهي ڪيترين ڪهاڻين ۾ سيڪس جو پڙڪائو بيان هجڻ سبب ئي انهن کي ماڊرن ڪهاڻي سمجهيو ويو جڏهن ڪ سيڪس جو کليل بيان ماڊرن ويچار جو مرڪزي نقطو نه آهي، اهو محض ڪٽنب ۽ شاديءَ جي ويوسٿا کي انڪارڻ جو اظهار آهي. ماڊرن ڪهاڻي هڪ شعوري ڪارنامو آهي جنهن جو مقصد اِنسان جي من جي اندر جهاتي پائي، ان ۾ ڦٿليل جهنگل-سنسار کي ڏسڻ ۽ ان کي ڪلاتمڪ اظهار ڏيڻ آهي. اها ڳالهه ائين به چئي سگهجي ٿي ته ماڊرن يا جديد ڪهاڻي 'سماجڪ شخص جي نه پر 'شخص' جي ڪهاڻي آهي.

منهنجي مٿي ڏنل بيان مان اهو مطلب نه ڪڍڻ گهرجي ته ائين، نائين ۽ ڏهين ڏهاڪي ۾ رڳو اهي ئي اهم ڪهاڻيڪار ٿيا آهن، جن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي پر چاڪاڻ ته مون پاڻ کي جديد ڪهاڻيءَ تائين محدود رکيو آهي ان ڪري مون سنڌيءَ جي ڪيترن وڏن ۽ مشهور ڪهاڻيڪارن جا نالا نه ڪنيا آهن. اهڙن اهم ۽ مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ گني سامتاڻي ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ کان سواءِ، سندري اُتمچنداڻي، گ وبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، تارا ميرچنداڻي، ڪلا پرڪاش، لکمي کلاڻي، هري همٿاڻي وغيره جا نالا کڻي سگهجن ٿا (ان کان سواءِ به ڪيترا ٻيا ليکڪ هوندا) ۽ اهي سڀ ليکڪ ساهتيه اڪادمي جي اعليٰ ساهتڪ انعام سان نوازيل آهن.

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پوسٽ ماڊرن‌ازم بابت ڪجهه چوڻ کان اول مان ٻن ليکڪن بابت پنهنجي سوچ جي صفائي ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. اُهي به ليکڪ آهن گنو سامتاڻي ۽ ڪرشن کٽواڻي.

گني سامتاڻي ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ کي ماڊرن ليکڪن ۾ شمار نه ڪري مون سندن گهڻن چاهڪن کي ناراض به ڪيو هوندو ۽ ڪيترن کي

حيرت ۾ بہ وڌو هوندو. ڇو تہ جڏهن بہ نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڳالهہ ڪبي آهي تڏهن حوالي طور پهريون ذڪر ثموريءَ جي روپ ۾موهن ڪَني ۽ لعل جو ڏيندو آهي. ڪيئن بہ منهنجي خيال موجب ڳنو بنيادي طرح سان رومانوادي آهي. پر عام طرح سان رومانوادي محض جذباتي ڏيندا آهن، اُهي ٻڌيوادي نہ هوندا آهن پر ڳنو ٻڌيوادي رومانوادي آهي ۽ پنهنجي مخصوص ٻولي ۽ شئليءَ سبب سنڌس ٻڌيوادي اظهار 'ماڊرن' لڳندو آهي. ان جي برعڪس ڪرشن کٽواڻي بنيادي طرح سان ترقي پسند آهي. ترقي پسندي يعني پرگتيواد جو جنم داتا مارڪس هڪ ماڊرن ويچارڪ هئو. ان ڪري ترقي پسنديءَ واري ويچارڌارا جو پوئلڳ هئڻ سبب ڪرشن کٽواڻيءَ ۾ واڌو جذبات نہ هئڻ ڪپندي هئي پر ڪرشن واڌو جذبات وارو ليکڪ آهي. اهڙيءَ ريت ڪرشن کٽواڻي جذباتي ترقي پسند آهي. ۽ مان اول ئي چئي چڪو آهيان تہ ماڊرن ويچار سان واڌو جذبات جو ڪو ميل ڪونهي. ماڊرنٽيءَ جا بنيادي نقطا آهن- ٻوڌڪتا (رئشنلٽي)، ترڪ سنگتي (ريزننگ) ۽ وگيانڪ سچ جي قبوليت جنهن ۾ عمل-رد عمل جي اصول جي مڃتا بہ شامل آهي.

ماڊرنٽيءَ جي مٿين نقطن جي آڌار تي ئي مون ڳني سامتاڻي ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ (۽ ڪيترن ٻين ڪي بہ) ماڊرن ڪهاڻي ليکڪ ڪري نہ مڃيو آهي. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ ڪرشن کٽواڻيءَ ۽ ٻين ڪيترن ليکڪن جي ڪيترين ڪهاڻين ۾ ماڊرن ويچار جون جهلڪون صاف نظر اچن ٿيون.

جيستائين پوسٽ ماڊرنازم جو سوال آهي، اُهو ڪنهن لاڙي يا ڌارا جي روپ ۾ اڃا سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ قائم نہ ٿيو آهي. ائين پوسٽ ماڊرنازم لفظ گهڻائي دفعا، گهڻن ئي پيپرن ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي.

هاڻي جي پوسٽ ماڊرنازم جي نالي ۾ انين ڏهاڪي کان پوءِ جي لکيل ڪهاڻين جو ذڪر ڪبو تہ اهڙيون ڪئي ڪهاڻيون هونديون جن

جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو پر جي اهو سوچي هلبو تہ پوسٽ ماڊرن ازم ماڊرن ازم جي حد کان شروع ٿيل ادبي لاڙو آهي جيڪو ماڊرن ازم جي ابتڙ يا ماڊرن ازم کان اول جي ادب جو عيوضي نہ آهي، تہ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙيون ڪافي ٿوريون ڪهاڻيون ملنديون جن ۾ چٽيءَ طرح سان پوسٽ ماڊرن ازم جي ڊارٽائن کي محسوس ڪري سگهجي پر اهڙيون ڪهاڻيون آهن ضرور مثال طور شيام جئسنگهاڻيءَ جي ڪهاڻي 'رڙهندڙ وقت' ڪٺي سگهجي ٿي. 'رڙهندڙ وقت' ڪهاڻيءَ ۾ بہ اجنبي شخص-شادي شده استري ۽ هڪ سيلاني جوان گويا کان جهاز ۾ ممبئيءَ لاءِ چڙهن ٿا. ڊيڪ تي ٻنهي جي وچ ۾ بيحد رواجي نموني 'هلو-هلو' وانگر ڳالهہ ٻولهہ ٿئي ٿي ۽ پوءِ وقت ڪاٽڻ لاءِ ٻئي پتي راند ڪرڻ شروع ڪن ٿا. شرط آهي تہ جيڪو کٽندو اهو ٻئي کي ممبئيءَ ۾ ڪافي پياريندو. پوءِ راند ڪندي ڪيڏي مهل کين جهوٽا اچڻ شروع ٿين ٿا ۽ ڪيڏي مهل ٻئي ڊيڪ تي ئي هڪ چادر هيٺان سِرڪي وڃن ٿا اهو ٻنهي کي ياد ڪونهي. صبوح ٿيڻ تي جوان رات جي گهٽنا تي پشيمان آهي پر عورت جي منهن تي پڇتاءُ جو ڪو نشان ڪونهي ۽ اهڙو اظهار هوءَ ڪري بہ ٿي ۽ جوان کي بہ شرمندگيءَ جو احساس نہ ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿي.

هيءَ ڪهاڻي اَڀوڳتا ۽ جذبات جي جنسي وهنوار کي اظهاري ٿي. جيڪي پوسٽ ماڊرن ازم جون ڊارٽائون آهن.

شيام جي ٻين ڪهاڻين جيئن 'هڪ ٻيو ڏينهن'، 'جهوڳ ڪڙا' وغيره ۾ بہ پوسٽ ماڊرن ازم جا عناصر موجود آهن.

هيري شيوڪاڻيءَ جي ڪهاڻيءَ 'ڪارڻ جي تلاش' پنهنجي عنوان مان ئي ارڪارٿتا يا اَترڪ سنگتيءَ جو اظهار ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ ڏيڪاريل آهي ۽ هڪ زال-مڙس ٢٥-٣٠ سال کان بنا ڪنهن ڪارڻ هڪ ٻئي کان الڳہ رهي رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هوٽل ۾ ڪمرو

وٽي جنسي سک ماڻيندا آهن ۽ وري الڳ رهڻ لڳندا آهن. ڪين هڪ جوان پٽ بہ آهي جيڪو پيءُ سان رهندو آهي؛ هڪ سهڻي جوان ڌيءُ بہ آهي جيڪا ماءُ سان رهندي آهي. ٻئي الڳ رهندي خوش آهن. هڪ وقت جڏهن ان استريءَ کان سندس هڪ شيءِ چنتڪ ائين الڳ رهڻ جو ڪارڻ ڄاڻڻ چاهي ٿو تڏهن عورت جو جواب بنا هٻڪ اهو آهي تہ ’هر ٻالهہ جو ڇا ڪارڻ هئڻ ضروري آهي.‘

اهڙيءَ ريت مابڊرن ازم ۾ جنهن عمل-رد عمل يا ڪاريہ-ڪارڻ جي اصول کي مچتا حاصل هئي، هتي ان کي پوريءَ طرح سان ناڪاريو ويو آهي. شيوڪاڻيءَ جون ٻيون بہ ڪي ڪهاڻيون ان حوالي ۾ ٻڌائي سگهجن ٿيون. ائبسرڊٽيءَ جو سنو مثال ستيش روهڙا جي ’آپشن‘ ڪهاڻي آهي جنهن ۾ مابڊرن لئنڊ نالي هڪ اهڙي ملڪ جو بيان ڪيل آهي جتي ١۵ سالن جي عمر کي بالغيءَ جي عمر ٻڌايو ويو آهي ۽ هر ڪنهن بالغ لاءِ پنهنجي موت جي تاريخ اول ئي مقرر ڪرڻ لازمي ٺهرايو ويو آهي. ان قانون موجب ٿورو جيئڻ وارن کي ’شارٽ لِونگ بونس‘ ۽ وڏيڪ جيئڻ واري تي ’لانگ لائيف ٽئڪس‘ جو بندوبست آهي. هڪ خاص عمر کان پوءِ ڪنهن کي بہ جيئڻ جو اڌڪار ڪونهي. مرڻ جي طريقي چونڊڻ جي هر ڪنهن کي اختياري آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ آڏن حوالن ۾ ١٢-١٣ سالن جي ٻارن دوارن ڪنڊوم جو استعمال، اڌ رنگ ۾ پيڙا پوڳيندڙ سَس کي ڏسي نُنهنُ جو خوش ٿيڻ ۽ سَسُ جي وڏيڪ پيڙا جي، وڏيڪ پيڙا پوڳڻ جي اڇا ڪرڻ؛ پٽ دوارن ماءُ کي بک ڪڍائي مارڻ جهڙي ديا ڏيکارڻ وغيره جهڙا موضوع بہ ائبسرڊٽيءَ کي وڏيڪ گهرو ٻڌاين ٿا.

ستيش جي ٻين ڪن ڪهاڻين جا حوالا بہ ڏئي سگهجن ٿا. جيئن ’وسڦوت‘ رٻڙ جي عورت وغيره.

انند ڪيماڻيءَ جون ڪيتريون ڪهاڻيون پوسٽ مابڊرن ازم جا عناصر

ڪٿي ٿيون اچن. جيئن ٽنگوٽالي ڪهاڻيءَ ۾ واقف پرش ۽ ان جي اڻ واقف پتنيءَ جي وچ ۾ پاڻ ڪي ٽنگوٽالي سمجهڻ جي ائبسرڊٽيءَ ’ان داتا‘ ڪهاڻيءَ ۾ پيءَ جي موت جي خبر گرم جوشيءَ سان، خوشيءَ جي خبر وانگر ڇپائڻ جي ائبسرڊٽي وغيره. ’ڪجهه سچ-ڪجهه ڪوڙ‘ ڀاشا، شئلي، موضوع جي خيال کان بنهه الڳ قسم جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جا پهريان ۽ پڇاڙيءَ وارا جملا ئي ان حقيقت جي تصديق ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

ڪهاڻيءَ جا پهريان جملا آهن -

– تون ڇا ڪندو آهين؟

– ڏوڙ پائيندو آهيان.

– پر ڏوڙ اڄ ڪلهه ملي ڪٿي ٿي.

۽ پڇاڙيءَ جا جملا آهن.

– هوءَ توهان جي پريمڪا آهي؟

– نه هوءَ منهنجي شريرڪا آهي.

– شريرڪا معنيٰ؟

– شرير جي اڳنيءَ کي وسائڻ واري ڪل.

متي ڀڏايل ڪچ ڪهاڻين کان سواءِ به ڪيترين ئي ڪهاڻيون آهن جن ۾ پوسٽ ماڊرن ازم جا عناصر ڦٽليا پيا آهن. جيئن لعل پشپ جي ’پرزو‘ ڪهاڻي، شخص جي سماجڪ ڍانچي ۾ پرزو بڻجي وڃڻ کي بيحد شدت سان اظهاري ٿي. موهن ڪلپنا جي ’اتين ڪٿا‘ بي ترتيب زندگيءَ ۾ پکڙيل بي ترتيب سچ جي ٽڪرن جي ڪهاڻي آهي. ايشور چندر جي ڪهاڻي ’نه مرڻ جو ڏک‘ انساني جذبن جي موت جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هڪ ڪلارڪ کي ماءُ جي بيماريءَ مان بچي نڪرڻ تي روح جي پيڙا جو اظهار آهي جو هن ماءُ جي بيماريءَ لاءِ آفيس مان قرض ورتو هو. ماءُ مئي ڪانه: هاڻي جي وري بيمار ٿيندي ته ڇا ٿيندو؟ مطلب ته جي ماءُ مري وڃي ها ته ڪيس وري قرض ڪڍڻ لاءِ مجبور نه ٿيڻو پوي ها.

ريتا شهاڻيءَ جي 'منع ٿيل ميوو' هڪ سمبالڪ ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ڏيءُ جي پڙڪندڙ سيڪس جي گرميءَ کي روڪڻ لاءِ ماءُ کي ان گرميءَ سان دوبدو ٿيڻو پوي ٿو.

ڪملا گوڪلاڻيءَ جي ڪهاڻي 'ماڌويءَ' ۾ هڪ نرس کي پنهنجي ۽ پنهنجين نراڻن جي شهر ۾ بدلي ڪرائڻ لاءِ پنهنجي جسم جو سودو ڪرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ هوءَ ان ڪيل پاپ سبب آپگهات ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ٿئي. هڪ دفعي ڪيس ماڌويءَ جي مهاڀارت ۾ آيل ڪهاڻي ٻڌي سنتوش ٿو ٿئي ته ماڌويءَ پيءُ جي چوڻ تي پنجن راجائن وٽ هڪ هڪ سال راجا جي ڀوڳ ولاس لاءِ رهي ۽ هرهڪ راجا کي هن هڪ پٽ به جڻي ڏنو پر پوءِ به هوءَ پاڻ کي اڻ ڇتل محسوس ڪري رهي آهي ۽ ڪيس ڪوبہ پڇتاءُ ڪونهي جو اهو سڀ هن پنهنجيءَ مرضيءَ سان نہ ڪيو هئو. هاڻي نرس جي من تان بار لهي ٿو وڃي ۽ هن کي ان لاءِ ڪو پڇتاءَ يا پاپ جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي تہ هن چار دفعا پنهنجو جسم ڀوڳڻ لاءِ ڏنو آهي.هيءَ ڪهاڻي اخلاق، شادي ۽ جنسي سنبند جا حوالا الڳ ڪري ٿي ڇڏي.

مٿي سنڌيءَ جي ڪافي ٿورين ڪهاڻين جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن ۾ پوسٽ ماڊرن ازم جا عناصر موجود آهن. ٻيون بہ اهڙيون ڪيتريون ڪهاڻيون ان قسم جون هونديون؛ پر ان هوندي بہ اها ڳالهہ سچي آهي تہ پوسٽ ماڊرن ازم سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن لاڙي جي روپ ۾ قائم نہ ٿي سگهيو آهي.

سچ تہ اهو آهي تہ ماڊرن ازم جي اوج وارن ٻن ڏهاڪن کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي ماٺائيءَ واري دؤر مان گذري رهي آهي. ان ۾ اها شدت ۽ رواني ڪانهي جيڪا ماڊرن ڪهاڻيءَ ۾ هئي. ان جا گهڻائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا پر هڪ مکيہ ڪارڻ آهي پڙهندڙن جي ڪمي. سنڌي ٻوليءَ جي گهٽجندڙ استعمال هندستان ۾ سنڌي ادب کي ڪافي ڌڪ رسايو آهي.

**5, Maleer,**
**Adipur- (Kutch) - 370205**

رپورتاج/وليرام ڪشناڻي

# آديپور-گانڌيڌام ۾ هوندراج دکايل جنم شتابدي سيمينار

مرڪزي ساهتيه اڪادمي، گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي، گانڌينگر ۽ گانڌيڌام مئتري منڊل جي گڏيل سهڪار سان ۹ ۽ ۱۰ جنوري ۲۰۱۰ تي آديپور جي سني-ساوِي پريم ڪُٽير ۾ لوڪ ڪوِي هوندراج دُکايل جنم شتابدي سيمينار ڪوٺايو ويو. ڀارت جي جدا جدا شهرن کان آيل توڙي مڪاني سوَ کن سنڌي ودوانن بهرو ورتو ۽ لوڪ ڪوي هوندراج 'دکايل' جي شخصيت ۽ رچنائن تي، ڇهن بيٺڪن ۾ پنهنجا ۱۴ مقالا پيش ڪيا. سنڌيءَ جي هن برک شاعر جي سنڌي قومي گيتن، قومي تحرڪ، سروديه ڀودان يگيه توڙي تعليمي کيتر ۾ ڪيل خدمتن جي ڪَٿَ ڪئي وئي. پيش ڪيل مقالن جي وچور هن ريت آهي :-

پهريون مقالو : هوندراج 'دکايل' جو جيون

صدارت : ڊا. موتي پرڪاش، مقالو پڙهندڙ شري لکمي کلاڻي

ٻيون مقالو : هوندراج 'دکايل' جي وقت ۾ ملڪي حالتون
پيپر پيش ڪيو شري گووردن شرما 'گهايل'

ٽيون مقالو : هوندراج دکايل جي شخصيت
ان وشيه تي پيپر پڙهيو شريمتي اندرا واسواڻيءَ

چوٿون مقالو : سوتنترتا سنگرامي هوندراج 'دکايل'

صدارت : شري هري همٿاڻي
مقالو پيش ڪيو تيج قابل

پنجون مقالو : سروديه نيتا هوندراج دکايل
پيپر پڙهيو ڊاڪٽر نرملا آسناڻي

چهون مقالو : هوندراج دکايل جي شاعريءَ ۾ قدرت
صدارت : شري اَرجن ’حاسد‘
مقالو پڙهيو شري ڪشنچند ’رنجايل‘
ستون مقالو : هوندراج دکايل جي شاعريءَ ۾ ڳوناڻي جيوت ۽ سنگيت
پيپر پيش ڪيو ڪماري ومي سدارنگاڻي
اَٺون مقالو : هوندراج دکايل جي شاعريءَ ۾ روحانيت
صدارت : پروفيسر آسن واسواڻي ’مجبور‘
پيپر پڙهيو ڊاڪٽر ديال ’آشا‘
نائون مقالو : هوندراج دکايل جي شاعريءَ ۾ ديش ڀڳتي
ڊاڪٽر چينو لالواڻي.
ڏهون مقامو : هوندراج دکايل جون ٻال ڪوتائون
صدارت : شريمتي اِندرا واسواڻي
پڙهندڙ شريمتي ڪلا پرڪاش
يارهون مقالو : هونداراج دکايل جي شاعريءَ ۾ لوڪ ڪٿائون
پيپر پڙهيو شري پريتم ورياڻي
ٻارهون مقالو : تعليمي کيتر ۾ هوندراج دکايل جو يوگدان
صدارت : ڪماري تلسي اَننداڻي
پيپر پڙهيو ڪماري هيروُ ايسراڻي.
تيرهون مقالو : هوندراج دکايل جو اڻ ڇپيل ذخيرو
پيش ڪيو وليرام ڪشناڻي
چوڏهون مقالو : هوندراج دکايل جا قلمبند ناٽڪ ۽ سنگيت روپڪ
پيپر پيش شري نارو گرناڻيءَ

سيمينار جي شروعات سدا حيات هوندراج دکايل (۱۹۱۰-۲۰۰۳) جي تصوير تي ڦول چاڙهي شرڌانجلي ڏئي، سرسوتي ديويءَ جي مورتيءَ اَڳيان جوت جلائي ڪئي وئي ۽ سرسوتي وندنا گيت توڙي ’دکايل‘ جو لوڪ پريہ قومي گيت ’هي منهنجو وطن، ماڪيءَ کان منيڙو

.....، پيش ڪيو شريمتي سپنا رائسنگهاڻي ۽ هار مونيم تي سنگت ڪئي شري ڊولڻ راهي.

ساهتيہ اڪادميءَ جي ريجنل سيڪريٽري شري جي. پنوڊراءِ سواگتي ڀاشڻ ۾ سيني ليکڪن ۽ ودوانن جي آجيان ڪندي ساهتيہ اڪادميءَ جي هلندڙ ڪاريہ تي روشني وڌي. دادي ڪرشنا ڀمڀاڻيءَ جنهن هوندراج دکايل سان ساري جمار دک سک ۾ سات ڏيندي گذاري آهي تنهن دکايل جي ديش خاطر سمرپڻ بابت روشني وڌي. صدارتي تقرير ۾ ڀائي مورج منگهناڻيءَ چيو تہ دکايل جهڙا سورهيہ سپاهي اسانجي قوم جو شان وڌائيندا آهن.

ساهتيہ اڪادميءَ جي سنڌي ائڊوائيزري بورڊ جي ڪنوينر شري واسديو موهيءَ هن سيمينار جي اهميت تي روشني وڌي. پنهنجي ڪي نوٽ ائڊريس ۾ ڊاڪٽر ستيش روهڙا، دادا هوندراج دکايل جي بابت ٻڌايو تہ هوُ هِڪُ تمام گهڻن پاسن واري شخصيت جو مالڪ هو. هو لوڪ ڪوي هو. هنجي ڪوتا جو گُڻ آهي ماڻهن کي اُٿاري سگهڻ. جيڪا جاتي ماضيءَ کي وساريندي آهي، ماضي ان کي وساري ڇڏيندي آهي. اسان کي جڳائي تہ ماضيءَ کي بہ ياد ڪريون پر وقت سان گڏ قدم وڌائي، پاڻ کي ماضي ٿيڻ کان بچايون. اڄ اسين دکايل تي سيمينار ڪري کيس شرڌانجلي ئي نہ ڏئي رهيا آهيون، بلڪ اسين ماضيءَ کي وسارڻ کان روڪي رهيا آهيون ۽ اڳتي وڌڻ جي باوجود، پاڻ کي ماضي ٿيڻ کان بچائي رهيا آهيون.

هن موقعي تي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي رجسٽرار شري هرشد ڀائي ترويديءَ دادا دکايل جي ڀيٽ سنت ڪبير سان ڪئي ۽ گجرات سنڌي اڪادميءَ جي اسسٽنٽ رجسٽرار اڪادميءَ جي ايندڙ، پروگرامن بابت ٿوري ۾ ڄاڻ ڏني.

تاريخ ٩ جنوري رات سنڌالاجيءَ طرفان، ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ دادا دکايل جي ياد ۾ سنگيت شام جو آيوجن ڪيو ويو جنهن ۾

چوڏهن مڪاني گلوڪارن دڪايل جا ڪلام، پنهنجي مڌر آواز ۾ پيش ڪيا. ڪاريہ ڪرم جو سنچالن شري صاحب بجاڻيءَ اثردار نموني ڪيو.

الوداعي جلسي جي صدارت گانڌيڌام مئتري منڊل جي پرمک ڊاڪٽر رميش واسواڻيءَ ڪئي. شري ڏولڻ راهيءَ مقالن جو جائزو ورتو. ڪل تاثرات پيش ڪندي شري واسديو موهيءَ گانڌيڌام مئتري منڊل جي ڪاريہ ڪرتائن، دادي ڪرشنا پمپاڻي، وليرام ڪشناڻي، ڪماري هيرو ايسراڻي، ڪماري مايا شهاڻي، شري واسديو چانگراڻي، مرلي گونداڻي، گل پرياڻي ۽ ٻين جا ٿورا مڃيا جن هُنَ سيمينار جي سموري جوابداري رهائش، کاڌو سيمينار هال جو بندوبست، ٽرانسپورٽ سندر نموني سنڀاليو.

سموري سيمينار جي ڪارروائي هلائي گانڌيڌام مئتري منڊل جي پروگرام سهايڪ شري وليرام ڪشناڻيءَ. پڇاڙيءَ ۾ هن سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ سيني ليکڪن ودوانن، توڙي سيمينار ۾ سڦل بڻائيندڙ ساٿين، آڪاشواڻي ڀڄ طرفان سموري ڪاريہ ڪرم کي رڪارڊ ڪري ريڊيو ڀڄ تان اُنجا انش پرسارت ڪرڻ، توڙي ستي ساوِي پريم ڪُٽير جي سنچالڪن جا ٿورا مڃيا.

هن موقعي تي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان هڪ بوڪ اسٽال بہ لڳايو ويو. جنهن ۾ سيني ٻولين جي ادب جا چونڊ ڪتاب ويهہ سيڪڙو لاٽ تي موجود هئا.

هيءُ سيمينار نهايت ئي خوشگوار ماحول ۾ هليو ۽ لوڪ ڪوي هوندراج دکايل جي جنم شتابديءَ جي موقعي تي سندس شخصيت ۽ رچنائن جو ڀرپور جائزو وٺڻ ۾ ڪامياب ويو. ليکڪ ڪلاڪار، ودوان اُنجون مڌر يادگيريون، مرڪزي ساهتيہ اڪادمي توڙي گانڌيڌام مئتري منڊل طرفان ڏنل تحفن سان گڏ ڪٺي پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽيا.

وليرام ڪشناڻي

آديپور- گانڌيڌام ۾ هوندراج دکايل جنم شتابدي سيمينار



شري ڍولڻ راهي ۽ شريمتي سپنا رائسنگھاڻي ’دکايل‘ جو گيت پيش ڪندي




پروفيسر پريتم ورياڻي پنهنجو مقالو پڙهندي، پاسي ۾
اِندرا واسواڻي، ڪلا پرڪاش نظر ايندڙ

## آديپور-گانڌيڌام ۾ هوندراج دکايل جنم شتابدي سيمينار




شري واسديو موهي ساهت اڪادميءَ جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو
ڪنوينر هن سيمينار جي اَهميت بابت ٻه اکر ڳالهائيندي



دادي ڪرشنا پمياڻي ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا سيمينار جو آرنڀ ڪرڻ
مهل جوت جلائيندي پاسي ۾ وليرام ڪشناڻي بيٺل نظر اَچيٿو

## Declaration Regarding Ownership & Other Details for 'RACHNA' (SINDHI)

## FORM IV (Rule 8)

| | | |
|---|---|---|
| 1. Place of Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir,<br>Adipur - 370205 |
| 2. Periodicity of Publication | : | Quarterly |
| 3. Name of Printer | : | Shri Lakhmi Khilani, Director, |
| & Publisher | : | Indian Institute of Sindhology |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 4. Name of Editor | : | Shri Lakhmi Khilani |
| Nationality | : | Indian |
| Address | : | 6, Maleer, Ward 4A/12 to 14<br>Adipur - 370205 |
| 5. Owner of the Publication | : | **Indian Institute of Sindhology**<br>Adipur - (Kutch) 370205 |

I, Shri Lakhmi Khilani, declare that the details given above are true to my knowledge and belief.

Dated : 01-03-2010

Sd/- **Lakhmi Khilani**
PUBLISHER



برک سنڌي شاعر ۽ ناٽڪ نويس شري مولچند منگهارام بندراڻي-ايم ڪمل (جنم: ۸-۸-۱۹۲۵) جي ديهانت (۳-۲-۲۰۱۰) تي اسين سندن ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي ساهتڪ جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

۽



برک سنڌي ڪهاڻيڪار ناٽڪ نويس ۽ ’سنگيتا‘ مخزن جي سمپادڪ شري آنند چيتنداس ٺهلراماڻي (جنم: ۱۵-۸-۱۹۳۲) جي ديهانت (۳۱-۱۲-۲۰۰۹)

سنڌالاجي پريوار

# مبارڪون !



شري جينت ريلواڻيءَ
کي راشٽريہ سنڌي ٻولي
وڪاس پريشد طرفان
’ساهتيہ رچنا سنمان‘
(لائيف ٽائيم اَچيومينٽ
اَوارڊ) عطا ٿيڻ تي.



شري واسديو موهيءَ کي
راشٽريہ سنڌي ٻولي
وڪاس پريشد طرفان
’ساهتيڪار سنمان‘
(لائيف ٽائيم اَچيومينٽ
اَوارڊ) عطا ٿيڻ تي.

## جينت ريلواڻيءَ جو کوجناتمڪ گرنٿ

# ’سنڌ-ڪڇ-ڪاٺياواڙ جا سپيتڪ ناتا‘

ڇپائيندڙ: سنڌو ڀارتي پبليڪيشن، ٩/٤ شاستري نگر، راجڪوٽ- ٣٦٠٠١
قيمت: ڇهه سو روپيا، صفحا ٥٧٢، پڪو جلد، اشاعت جو سال ٢٠٠٨

---

جينت ريلواڻي پنهنجي هن کوجناتمڪ گرنٿ ۾ تاريخ کان اڳ واري قديم سنڌ ۽ تواريخي سنڌ جي ڪيترين ئي آديواسي جاتين، قبيلن، نسلن، خانداني گهراڻن ۽ قومن جو تفصيل ۾ ذڪر ڪيو آهي؛ اُنهن مان مکيه آهن، ڪولي، ميگهوال (ميگهواڙ)، اوڏ، گُرجر، مُهاڻا، سنگهار، پڊار، واگهير، ميهر، آهير، ناگر، پٽي، چارڻ، جَٽ، ڪاپڙي، ڪاٺي، ناگ ونشي ۽ تواريخي سنڌ جا سومرا، سما، چوڙا سما، مئترڪ، والاراچ گهراڻو، مڪواڻا، جهالا، برهم کتري، ڀاٽيه، سونارا، لوهاڻا، ميمڻ، سنڌي مسلمان، پرمار، سوڍا، برهمڻ وغيره.

اَلبت جينت ٿن آديواسي جاتين سنٿالن، ڀيلن ۽ ربارڙين کي وساري وينو آهي، جن جو سنڌ سان بيحد نزديڪيءَ جو ناتو رهيو آهي. ڀيرومل مهرچند ’قديم سنڌ‘ ۾ لکيو ’اَڄ عالمن کي کوجنائن ڪرڻ سان ايترو معلوم ٿيو آهي، تہ موجوده قومن مان قديم ۾ قديم لوڪ، جن اُتر هندستان وسايو، سي هاٹوڪن سنٿالن، ڀيلن ۽ منڊلوڪن جا اَبا ڏاڏا هئا. اهي سنڌ ۾ بہ هئا يا نہ، تنهن بابت اسان کي ڀهريائين پڪ ڪانہ هئي؛ پر پوءِ ڪن جون کوپڙيون سيوهڻ جي پريان لڌيون هيون. ١٩٢٢-١٩٢٣ع ۾ ڪن ڪولن ۽ سنٿالن جون کوپڙيون موهن جي

دڙي مان بہ لڌيون، جا ڳالھ آرڪيالاجي کاتي جي ڊئريڪٽر جنرل سرجان مارشل ڄاڻائي آهي. ائين هاڻ خاطري ٿي آهي تہ اهي قديم لوڪ سنڌ ۾ بہ هئا، تنهن ڪري قديم سنڌ جا اصل رهاڪو هاڻ اُهي (ڪول، سنٿال، ڀيل) ليکڻ گهرجن ‘(صفحو ٤٣)’

هن حقيقت جي تصديق اندور مان شايع ٿيندڙ روزاني ‘نئين دنيا’ جي ٢-٩-١٩٩٣ جي، هنديءَ ۾ هِن سِري سان ڇپيل هڪ ليک ‘بهار جي هڪ آفيسر پاران سنڌو لپيءَ کي پڙهڻ جي دعوي’ مان بہ ٿئي ٿي. ‘سنڌوواڻي/سنڌالاجي بليٽن’ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ هيءُ ليک سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري اِندور جي ڀاءُ راجا نولاڻيءَ اسان ڏانهن موڪليو هو، جنهن جو پهريون حصو هِت پيش ڪجي ٿو.

‘نرمل ڪمار ورما سنٿال سنسڪرتيءَ جي پوڄا نشانين ۽ مڃتائن جي بنياد تي سنڌو لپيءَ کي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ جي دعوي ڪئي آهي. سنٿال پرڳڻي (اڄ بهار ۽ هاڻي جهاڙ کنڊ ۾ رانچيءَ جي اِردگرد وارو علائقو) جي پهاڙن، جهنگلن ۽ ڳوٺن ۾ گذريل پندرهن سالن کان کوجنا ڪندڙ شري ورما هتي اخباري نمائندن سان ڳالهائيندي اها ڄاڻ ڏني.

شري ورما جي چوڻ مطابق افغانستان کان راجستان تائين ڦهليل ۽ دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ سنڌو سڀيتا جي لپيءَ کي پڙهڻ ۾ اَڃا تائين ڪاميابي نہ ملي هئي. سنڌو لپي گذريل ستر سالن کان آثار قديمي ۽ لسانيت جي ماهرن لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻيل رهي آهي.

شري ورما جي مطابق اِهو محض هڪ اتفاق هيو جو پندرهن سال اڳ هڪ سنٿالي ڏڻ تي سنٿالي گُرن جا ناهيل پوڄا جا نشان کيس ڏسڻ لاءِ مليا، جيڪي سنڌو سڀيتا جي نشانن سان مشابهت رکندڙ نظر آيا ۽ اُتان ئي هن پنهنجي کوجنا شروع ڪئي. هن پنهنجي کوجنا جي بنياد تي ٻڌايو تہ قديم سنٿالي سرشتي گيت ‘ڪرم بنتي’

۾ اهو ذڪر آهي تہ سنٿال آديواسين وٽ پنهنجي لپي هئي جنهنجو نالو ’چاءِ چمپا داغ گوديوم‘ هيو. جنهن جي ڄاڻ زماني جي گردش ۾ گم ٿي ويئي. سنٿالي سرشتي گيتن جي مطابق قديم دؤر ۾ سنڌو-ديش ۾ سندن وڏن جي حڪومت هئي، جنهن کي ’چاءِ چمپا‘ راڄ چيو ويندو هو. جڏهن تہ اُن وقت لپيءَ کي پٿرن ۽ ٻين سخت شين تي اُڪريو ويندو هو اُن ڪري ڪيس ’داغ گوديوم‘ يعني داغ ڪوٽڻ چيو ويندو هو . ....‘

ان ڪري اهو اتفاق ناهي جو موهن جي دڙي مان لڌل ڪانسي واري نرتڪي جي سڊول جسم جي بيهڪ اڄ جي سنٿال نينگرِ سان مشابهت رکيٿي.

سنڌ ۾ آريہ لوڪن جي اَچڻ کان اڳ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ٻينل گهاٽن ٻيلن اندر اهي ئي آديواسي ڀيل، ڪولي، سنٿال، اوڏ وسيل هئا. جڏهن سنسڪرت ڀاشا ڳالهائيندڙ، هوَن يگيہ ڪندڙ، ڀاڻ کي سڌريل سڏائيندڙ آريہ لوڪ ڀارت ۾ آيا، تڏهن هي مکاني اڻ سڌريل، جهنگلي، راڪشس سڏجندڙ لوڪ سندن پوڄا پاٺ، هون يگيہ ڦٽائڻ لڳا. پنهنجي بچاوَ لاءِ رشي وشوامتر کي دسرٿ جي درٻار ۾ وڃي هن کان رام ۽ لڇمڻ جي ٻانهن گُهرڻي پيئي. ائين انهن ٻاهران آيل ’سڌريل‘ لوڪن پنهنجي طاقت جي زور تي ’اڻ سڌريل‘ لوڪن کي ڏکڻ ۽ اولهہ هندوستان طرف هڪالي ڪڍيو.

اُن جو پوروچوٽ، سمانانتر مثال اَڄ جي زماني ۾ بہ موجود آهي، جڏهن انگلئنڊ ۽ يوروپ جي شهري سڀيتا جي ’سڌريل‘ ماڻهوءَ پنهنجي بندوق جي زور تي ائميريڪا، آسٽريليا، ائفريڪا، جهڙا جهنگلي علائقا وڃي وسايا ۽ اُتي پنهنجي بئنڪشاهي قائم ڪئي. اتان جي مکاني ’اڻ سڌريل‘ جهنگلي لوڪن (Aborgins/Red Indians) کي يا تہ اُتان ڀڄي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو يا ڪين پنهنجو غلام بڻائي،

ڪپهه چانهه، تماڪ، اناج جي پوک ڪرڻ لاءِ پاڃاريءَ ۾ جوٽي ڇڏيو.

جينت ريلواڻيءَ قديم ۽ تواريخي سنڌ جي انهن سيني جاتين/ قومن/نسلن جون ڪي دلچسپ حقيقتون/ڄاڃائون هٿ درج ڪيون آهن، جن مان ڪي هت حوالي طور پيش ڪجن ٿيون. پنهنجي 'ڪولي - ڪوهلي' واري ٢٨ باب جي پڇاڙيءَ ۾ هو اسان کي ٻڌائيٿو 'سنڌ جا هي اصلوڪا قديم رهواسي، راجستان، مهاراشٽرا ۽ ٻين پرڳڻن طرف بہ ڦهلجي ويل آهن' (صفحو ٢٨٢)

'اوڊ' واري ٢٩ باب ۾ صفحي ٢٨٣ تي جينت ريلواڻيءَ سنڌ جي هڪ ٻي قديم جاتي اوڊن بابت ڀيرومل مهرچند جي 'قديم سنڌ' ۽ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي 'سنڌي لوڪ ورثو' (سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن- ١٩٩٢) مان هينيان حوالا پيش ڪيا آهن.

'سنڌ ۾ هن وقت جيڪي اوڊ آهن، سي اصل دراوڙ ڪُل جا آهن. اهي اصل ڏکڻ هندوستان ۾ هئا، اُتر هندوستان ڏي اَچڻ کان اڳ وات تي جيڪو هنڌ اول وسائي وينا، سو هنڌ سندن نالي پٺيان 'اوڊر ديش' سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اُچار ڦري اُڙيسا (Orissa) ٿيو .... اوڊن جو پير رامديو آهي جنهنجو ميلو سال بسال لڳندو آهي. اوڊ لفظ جي معنيٰ آهي اڏيندڙ. 'اهي اچ تائين پٽين جون اوساريون ڪٽندا آهن.' (قديم سنڌ - صفحو ٥٥).

سنگيت ناٽڪ اڪادميءَ جو انعام حاصل ڪيل اسانجي هڪ ٻئي سنڌي ڪلاڪار راڻي ڪرنا ڪٽڪ سان گڏ 'اوڊيسي' نرتيہ ۾ ماهر آهي ۽ پرسڌ گرو ڪيلو چرڻ مهاپاتر کان سکيا حاصل ڪرڻ بعد اڄڪالهہ ڪلڪتي ۾ پنهنجي نرتيہ شالا هلائيندي آهي.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي لوڪ ورثي' ۾ هڪ مضمون 'اوڏڪي لوڪ گيت' بہ شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ هن شاه صاحب جي 'سر ڏهر' مان اوڏن جو خاڪو ڪينچيندڙ هيءُ بيت پيش ڪيو آهي.

چنل چڇ هٿ ۾، ڪُلهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر، پانهنجي، اُٺن سوارا
اوڏ به ويچارا، لاکا! وڃن لڏيو.

اَڄ صدين بعد به سنڌ ۽ هند ۾ اوڏن جي ساڳي صورتحال آهي. هو صبوح جو سويل اُٿي پنهنجي اڏاوت جي، يا گڏهن تي مٽي ڍوئڻ جي ڪم تي هليا ويندا آهن.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ڪي پارت ۾ سنڌ کان لڏي آيل اوڏن جي هڪ وڏي بستي دهلي - هرياڻا راجيه جي سرحد تي، مهرولي کان سورهن ڪلوميٽر پرتي سنجيه نگر ۾ ڳولهي لهڻ جو شرف حاصل آهي. اٽڪل ٽيهه هزار سنڌي اوڏ پارت ورش جي راڄڌاني دهليءَ جي الڳ الڳ ڪالونين ۾ اڏاوت جي ڪمن ۾ مشغول آهن. اهي اوڏ اڄ به پاڻ کي سنڌي ٿا ڪوٺائين. پرسي گدواڻيءَ شادين جي موقعي تي ڳائجندڙ سندن لاڏا رڪارڊ ڪري، هن مضمون ۾ پيش ڪيا آهن.

جينت ريلواڻي ’اوڏ‘ واري هن باب ۾ اوڏ جاتيءَ جي هڪ مشهور لوڪ ڪٿا ’جسما اوڏڻ‘ شامل ڪئي آهي. ڪڇ جو سردار لاکو ڦلاڻي هن ڪنيا تي موهت ٿي پيو ۽ هن سان وواهه رچايائين. شاهه ڀٽائي ’سر ڏهر‘ ۾ هن لاکي ڦلاڻيءَ جي واکاڻ ڪندي ڪيس اوڏن جو اجهو آسرو ۽ اوڏيرين جي ست جو رکپال سڏيو آهي.

لاکي لڄ ڪنئي، اسان اوڏيرين جي

لاکا لڄ سنڌياءِ، اوڏِ اگلي (ugly) آهيان
لاکا لک هڻا، ڦلاڻي پير ٻيو
آجا اوڏ ٿيا، پليءِ لڳي جنهن جي.

جينت ريلواڻيءَ پنهنجي هن تحقيقاتي گرنٿ ۾ سنڌ جي سنٿالن، ڀيلن سان گڏ ريٻاڙين کي به نظر انداز ڪيو آهي. البت شاهه پنهنجي’سر ڏهر‘ ۾ اوڏن سان گڏ ڪين به ياد ڪيو آهي.

ريبارڻ روئي، واڙي وڏا وڇرا
سمورا سوئي، هٽي هتان سات ويو.

جيڪو لاکو سندس ڏڻ ڪاهي ريبارين جا ويڙها سڃا ڪري ويو آهي، شاهه ان لاکي کي ريجهائڻ جي ريبارڻ کي صلاح ٿو ڏي.

ريبارڻ! ريجهاءِ، لاکو لولاٿين سين.

رڍون، ٻڪريون چاريندڙ هن مالڌاري، خانابدوش (nomadic) ريباڙي قوم کي اڄ بہ جيسلمير کان پيچ (ڪڇ) - ڪاٺياواڙ تائين اُنن تي پنهنجو لڏو رکي، مال کي گاهه چرائڻ لاءِ سَرءُ ۽ سياري جي سُڪيءَ موسم ۾ اَٺ مهينا ٻارين ٻچين هجرت ڪندو ڏسي سگهجيٿو. چوماسي جا باقي چار مهينا هو واپس پنهنجي ڳوٺن ۾ اَچي ٺانئيڪا ٿين ٿا. ڪونج پکين جهڙي ان موسمي Migration کي Dang سڏيو ٿو وڃي. ريباڙيءَ جو اَرٿ آهي ري = ڪانسواءِ + ٻاڙي= گهر، جنهن کي پنهنجو گهر گهاٽ نہ هجي. جئن اَڄ سنڌ مان ڏرتي ڏڪاٽيل سنڌين جي حالت آهي.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ ’سنڌي لوڪ ورثو‘ ۾ ’ريباڙي لوڪ گيت‘ سِري سان هڪ باب درج ڪيو آهي. هو صاحب لکيٿو ’ڪڇ ضلعي ۾ ڪيترين ئي مالگذار جاتيون رهن ٿيون، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ڪانہ ڪا اُپڀاشا ڳالهائيندڙيون آهن. انهن ۾ ريباڙي اهم آهي. ريباڙي اڪثر رڍون ٻڪريون چاريندا آهن، هن قوم جا مرد توڙي زالون سگهارا ٿين ٿا. ريباڙي مرد مٿي تي وڏي پڳہ، ٻت تي لُنڊو جامو ۽ چُٽن پيل سلوار وانگر سوڙهو پاجامو پائين ٿا ۽ ڪنن ۾ ڪي زيور بہ. زالون پڻ ٻانهن ڳچيءَ ۽ پيرن ۾ ڪافي انداز ۾ چانديءَ جا زيور پائين ٿيون. اڪثر هو ڪاري رنگ جي شال ۽ بدن تي بہ ڪارا ئي ڪپڙا، سياري اونهاري اوڙهين ٿيون. (سندن اهي ڪارا ڪپڙا ماتمپرستيءَ جي نشاني آهن. جنهن بابت هنن وٽ هڪ لوڪ ڪٿا پرچلت آهي)

باب ٣٣ (صفحو ٣١) ۾ جينت سنڌ جي هڪ ٻي قديم مهاڻن جي قوم جو بہ پيرومل مهرچند جي حوالي سان هينيون احوال قلمبند ڪيو آهي. ’سنڌ ۾ هن وقت ٻيا ماڱر (ماڇر) ذات جا مهاڻا آهن. اهي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آهن يا پوءِ ڏکڻ هندوستان کان آيا، اها پڪ ڪانهي، ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيترين صدين کان سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار طرف وڻج واپار لاءِ ويندا هئا. اڄ بہ مغليين تعلقي جاتيءَ، ڪڇ ڀڄ ۽ گجرات طرف جا ميربحر دنگيون هاڪاري ملبار طرف پيا وڃن. ماڱر ذات جا مهاڻا ملبار ۾ گهڻا آهن. جنهن ڪري چئبو تہ ملبار ڪناري وارن سان لهہ وچڙ هئڻ ڪري اهي سنڌ ۾ آيا هجن تہ عجب ڪونهي.

تون سمون آءُ گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،

پسي راڻين روءِ، متان ماڱر متئين. (سر ڪاموڏ)

متئين بيت ۾ شاهہ صاحب نوري مهاڻيءَ کي ماڱر سڏيو آهي. سجاول طرف ’ماڱر بدران‘ ’ماچر‘ جون يعني ’ڱ‘ کي مٽي ’ڇ‘ ڪيو اَٿن نہ تہ لفظ ساڳيو ئي آهي. اهو اصل دراوڙ لفظ آهي ۽ بنيادي معنيٰ اَٿس ’چار رکندڙ مهاڻو‘ سجاول ڏي ماچر نالي ڍنڍ بہ آهي جنهن تي پڻ انهن مهاڻن جو نالو پيل آهي (قديم سنڌ - صفحو ٥٥-٥٦)

جينت پنهنجي مذڪور ليک ۾ چويٿو ’(هنن مهاڻن) سوراشٽر جي سموري سمنڊ ڪناري تي سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکيو آهي. گجراتي وزن ۾ اُچارن سان هنن جي واهپي جي ٻولي سنڌي آهي. هو پاڻ کي سنڌي سڏائيندا آهن. ٻوليءَ کي ڪڇي-جاڙيجي ٻولي چوندا آهن. (صفحو ٣١)

’لوهاڻا‘ واري باب ١٨ ۾ جينت لکيٿو تہ ’ورهاڱي بعد ڀارت ۾ ٿھلجي ويل سنڌي سماج ۾ گهڻي ڀاڱي لوهاڻا هندو آهن. سنڌي سماج ۾ برهمڻ، کتري، سوڊا، اوڏ، ڪولهي، ميگهوال ۽ ٻين جاتين جا سنڌي بہ آهن. پر تمام گهڻائي لوهاڻن جي آهي. ان سبب ڀارت ۾ وسيل سنڌي هندو لوهاڻا آهن. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ غيرسنڌين ۾ سنڌين

جي پڇاڻ ’سنڌي لوهاڻا‘ طور قائم رهي آهي. ’سنڌي هندن جي تواريخ‘ ۾ پيرومل آڏواڻي سنڌي لوهاڻن جو اتهاس درج ڪيو آهي، ته هو شري رامچندر جي پٽ لوُ جي اولاد آهن.

هن وقت لوهاڻا کترين بدران وئشيه ليکجن ٿا، وڻج واپار ڪرڻ سبب واڻيا ڪوٺجن ٿا. هنن ايامن کان وٺي عربي سمنڊ جي ڪناري تي واپار پئي ڪيو آهي. ناٺو ڪمائڻ لاءِ هر قسم جا ڪشالا ڪڍيا آهن ۽ خطرن جو مقابلو پيي ڪيو آهي. هو درياه لعل جا پوڄاري آهن.

تيرهين‌ءَ صديءَ ۾ لوهاڻا سنڌ مان ڪڇ طرف ويا ۽ بعد ۾ سورهين صديءَ ۾ وڏيڪ تعداد ۾ سنڌ جا لوهاڻا ڪڇ ۾ وڃي وسيا. ڪڇ توڙي ڪانياواڙ ۾ٻني پرڳڻن ۾ سنڌ جي هنن لوهاڻن جو راڄ ڪاروبار ۾ اهم دخل رهيو ته واپار ڌنڌي ۾ به اڳرا رهيا.

اَروڙونشي سڏجندڙ به اصل ۾ لوهاڻا آهن. عربن جي ڪاهه وقت سنڌ ۾ هراس پيدا ٿيو. ڪي ڪڇ ڏانهن ته ڪي پنجاب ڏانهن ڀڳا. اهي اروڙ (راجا ڏاهر جي حڪومت مهل سنڌ جي گادي) جي رهاڪن جي اؤلاد آهن. ان ڪري هو اَروڙونشي يا اروڙا سڏبا آهن. (روهڙيءَ وارا روهڙا سڏيا ويندا آهن). ڪانياواڙ طرف اَچي وسيل لوهاڻن جو اولاد اڄ ڀانوشالي سڏجيتو. اهي ڀانوشالي اصل ۾ سنڌ جا هئا ۽ ڪڇ بعد هالار طرف اَچي رهيا. هو سوريه جا پوڄاري آهن ۽ سنڌن ديوي آهي هنگلاڄ ماتا.

وقت جي وهڪري ۾ سنڌ جا هي لوهاڻا ورهائجي ويا آهن. ڪڇ ۾ وسي ويل لوهاڻا ’ڪڇي لوهاڻا‘ سڏجن ٿا. گجرات ۾ رهندڙ سيني لوهاڻن جي اهڙي الڳ الڳ سڃاڻپ باوجود سندن گوتر، نکون ۽ آکهيون هڪجهڙيون آهن. هن باب جي پڇاڙيءَ ۾ جينت ريلواڻيءَ پنڊت ڪشنچند جيٽلي ۽ تواريخ نويس هرو ڀائي نکر توڙي پيرومل مهرچند جي تيار ڪيل لوهاڻن جي نُکن، آکهين ۽ گوتر جي وڏي فهرست ڏني آهي.

(هلندڙ)

## توهان طرفان

### ايس. ڊي. بصراڻي (جهونا ڳڙه)

’رچنا‘ انڪ ١٢٣ ۽ ١٢٤ پهتل آهن.ساهتيه جي کيتر ۾ سندن يوگدان ڏيندڙ اديبن جا فوٽا ’رچنا‘ جي مکيه پرشٽ تي ڏيندا آهيو. اِهو سلسلو تمام سٺو لڳندو آهي. سمپادڪي ليک به وڻندڙ هوندا آهن.

انڪ ١٢٣ ۾ واسديو موهي، لڪشمڻ ڊُبي ۽ رتن آڏتاڻيءَ جي غزلن جي نزاڪت الڳ ئي آهي (ٻئي انڪ معياري درشٽيءَ کان وزندار آهن - سيني اديبن جون رچنائون خوب اثردايڪ آهن) لڇمڻ پمياڻيءَ جي ڪهاڻي ’پنهنجائپ‘ ۽ اندرا واسواڻيءَ جي ڪهاڻي ’مٽي‘ دل کي ڇُهن ٿيون.

انڪ ١٢٤ ۾ اَرجن سڪايل جي غزل ۾

’ڏوهه به آهي ڏاڍ به آهي، ڏاڍن جو ڏهڪاءُ آهي
گورن پنيان ڪارا آيا، ڊنگ ته ساڳيو ساڳيو آهي.‘

اَڄ جي ڀارت جي سياسي حالتن جو چٽر ڏنل آهي. دل کي ڇُهي ٿو.

مايا راهيءَ جي ڪهاڻي ’وڇ جو چمڪاٽ‘ ۾ اڄ جي دؤر جي يوا ورگ ۾ ٿيندڙ سماجڪ بدلاءُ جو اثردايڪ ورڻن آهي. تيرٿ چاندواڻيءَ مُدت کان پوءِ لکڻ شروع ڪيو آهي. وڻيو آهي.

اَرجن حاسد ادب جو ڏٺي آهي ۽ سندس ’نارائڻ شيام ۽ اڄ جي حوالي ۾ سندس شاعري‘ تي لکيل مقالو (جبلپور ۾ آيوجت سميلن ۾ پيش ڪيل) پاٺڪن جي پياس ٻجهائڻ ۾ اُپيوگي آهي.

جينت ريلواڻيءَ جو ڪوجناتمڪ گرنٿ ’سنڌ- ڪڇ- ڪاٺياواڙ جا سپيتڪ ناتا‘ تي،لکمي کلاڻيءَ پنهنجيءَسمالوچنا ۾ ٻين اديبن جا حوالا ڏيئي ڪُڇ وڌيڪ جاڻ ڏني آهي. سنڌي پانوشالي قوم جي گهرن ۾ ميڪرڻ ڏاڏا جو فوٽو اَڄ به ڏسڻ لاءِ ملندو آهي. لاڙ سماج وارا پار برهم ۾ شرڌا رکندا آهن ۽ سوراشٽر ۾ جتي جتي پاربرهم جا شرڌالو

آهن، اُتي ’پاربرهم چڙي‘ اُتسو ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي. ’پاربرهم‘ پرمپرا جي پوئلڳ ڀڳت لونگرام بولچند پنهنجي تيار ڪيل ’پاربرهم پرڪاش‘ سنڌي ڪتاب ۾ پارو فقير بابت تفصيلوار احوال ڏنو آهي. اِن بابت منهنجي ڄاڻ موجب لڏ پلاڻ ڪانپوءِ ڀڳت لونگرام جو پٽ بولچند جهوناڳڙه ضلع جي بانٽوا شهر ۾ اَچي رهيو آهي. آرٿڪ حالت ڪمزور هئڻ جي باوجود بہ شرڌالن جي سهيوگ سان ’پار برهم چڙي‘ ميلو تمام سٺي نموني لڳائيندو هو ۽ پوءِ ڏيري ڏيري اِن اُتسوَ جو ڦهلاءُ وڌندو رهيو.

ڀوپال ۾ ٿيل ’تيرٿ بسنت جنم شتابدي‘ سيمينار جا فوٽا ڏنا اٿو. سٺو لڳو.

## ڊاڪٽر ايس. ڪي. ڀُنشي (اَمراوتي)

رچنا ۱۲۴ انڪ پهتو. اوهان جو سمپادڪي ليک سرير-من-آتما وڻيو. هميشه وانگر اوهان جو Editorial اندر جي ٽاڪي کولي ڇڏيندو آهي. اُن ۾ نارائڻ شيام جو شعر بہ سون ۾ سهاڳو آهي.

’توکي ڏسي ٿي شيام تپسيا ڦڪي ڦڪي
هُئن روح ۾ رهڻ ۽ جڙيل روح جسم سان

ايم-ايف حسين کي شايد هن ليک ۾ نہ آڻيو ها! هو تہ هڪ Fanatic artist آهي هندو ديوي ديوتائن جون Nude نہ پر اَسڀيہ تصويرون ٺاهي هندو ڌرم کي بدنام ڪندو آهي.

’ڏُک جو ڪارڻ‘ نامديو تاراچنداڻيءَ جو سٺو منووگيانڪ ليک آهي، سٺي نموني Analysis (چيد ۽ چنڊڇاڻ) ڪيل آهي.

مايا راهيءَ جو ڪور پيج تي مشڪندڙ مُکڙو ۽ چهڪندڙ چهرو جڻ سندس وانگر ’وچ جو چمڪات‘ ڪري ٿو.

سڀ ڪان سٺو غزل وڻيو منهنجي دوست اَرجن سڪايل جو
’مذهب جي نالي ۾ کهڙا عصمت جا موتي ٿا لٽجن
هندو يا مومن جي نياڻي - ننگ تہ ساڳيو ساڳيو آهي‘

## هولارام هنس (ٺاڻا)

رچنا ١٢٤ پهتي ڏنيواد. پيڻ مايا راهيءَ جو فوٽو ڏسي خوشي ٿي. اِها سٺي روايت آهي، مايا جي ڪهاڻي به پڙهيم، وڻي. ڀاءُ حاسد جو ’عظيم شاعر شيام‘ تي ليک عالماڻو آهي.

پر سڀ کان ڀرپائين آنءُ پڙهان ’اَسان جي طرفان‘، جي سوچ ۽ لوچ جو مطالعو هوندا آهن. منهنجو خيال آهي ته سيني ١٢٤ پرچن جا اِهي عالماڻا ليک، ڪنهن ڪتابي صورت ۾، سنڌالاجيءَ طرفان شايع ڪيو ته بهتر ٿيندو.

ڪهاڻيڪار ڀاءُ ليکو تلسياڻيءَ جي موت جو پڙهي ڏڏکو رسيو؛ جا خبر مونکي اَڳ ۾ نه هئي.

ڀاءُ نامديو جو ليک - ’دک جو ڪارڻ‘ من وديا تي ٻڌل آهي، جو سوچڻ لاءِ آماده ڪريٿو.

’رچنا‘ نه فقط مالَ پر رومالَ جي خيال کان به عمدي آهي - سٺو پنو، سٺي ۽ صاف ڇپائي ۽ سهڻو ڪوَر.

## ڄئرام چمناڻي ’ديپ‘ (اَحمدآباد)

رچنا ١٢٤ اَدبي خوشبوءِ کڻي آئي - واس ورتوسين ۽ دل کي راحت ۽ آنند آيو. ليک سڀ پنهنجي، پنهنجي جاءِ تي معياري هئا ۽ حد کان وڌيڪ وڻيا. دادا اَرجن حاسد جو مقالو ’نارايڻ شيام ۽ اَڄ جي حوالي ۾ سنڌس شاعري‘ ڪافي ڄاڻ بخشي ٿو.

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology at Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir Adipur (Kachch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.

With Best Compliments of

***Notan Tolani***

# SOLAR

## SOLAR TIME LTD.

⌘

**P.O. Box : 95280 TST**
**15/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rd. T.S.T.,**
**Kowloon, Hong Kong.**

**Direct : (852) 2170 5555 Tel.: (852) 2376 0009**
**E-mail : solar@solartimeltd.com**

*With Best Compliments of*

**JAISU SHIPPING COMPANY PRIVATE LIMITED**
**&**
**JAISU DREDGING AND SHIPPING LIMITED**

**(Only Indian company as Platinum member of PIANC)**

**Ship Owners, Charterer, Dredger Owners and Contractors,**
**Floating Dry Dock Owner and operator, Marine Contractors, Bunker Supplier,**
(Only Shipping Company Supplying Bunkers at Offshore in Gujarat Ports through Own Seagoing Barges)

Main Office :
'Kewalramani House',
Dinshaw Building Road,
Near Custom House,
Kandla Port. (Gujarat) India 370 210
Website : www.jaisu.in

Contacts :
Phone : (02836) 270538 / 270428 / 270128
Fax : (02836) 270556 / 270650 / 260389
Resi. : (02836) 260224 / 260235 / 260295
e.mail : jaisu_dredging@yahoo.com / jaisu_shipping@yahoo.com
e.mail : mail@jaisu.in
(Pritam Kewalramani) 098796 10302 / (Vishin) 098242 00428

